(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

Faizan-e-Madina | Monthly Magazine | رنگین شمارہ

ماهوار

# فيضانِ مدينہ

(دعوتِ اسلامي)

جولاءِ 2026ء، صفر المظفر 1448ھ



- پر اُهو تہ جهنمي آهي
- جَوَن جي ماني
- حاجي ابو رجب مرحوم، هڪ ناقابل فراموش شخصيت
- ڪاري زبان واري جي بددعا
- ڪاري ٻلي



# دار الافتاء اهلسنت

**مفتي محمد هاشم خان عطاري مدني**
**(شيخ الحديث ۽ مفتي دارالافتاء اهلسنت، لاهور)**

## (1) ڇا وليمي ۾ جانور ذبح ڪرڻ ضروري آهي؟

سوال: علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ڇا فرمائن ٿا ته ڇا عقيقي وانگر وليمي ۾ به جانور ذبح ڪرڻ ضروري آهي يا جانور ذبح ڪرڻ کان سواءِ ٻين کاڌن سان به وليمي جي سنت ادا ٿي ويندي؟ ۽ جيڪو حديث شريف ۾ ارشاد آهي ته: وليما ڪريو، توڙي جو هڪ ٻڪريءَ سان ئي هجي. ڇا ان مان وليمي ۾ جانور ذبح ڪرڻ جو ضروري هجڻ ثابت نٿو ٿئي؟ هن حديث شريف جي وضاحت به فرمائيندا.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِکِ الۡوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: وليمي ۾ جانور ذبح ڪرڻ يا گوشت سان دعوت ڪرڻ ضروري ناهي، بلڪ ڪنهن به کائڻ جي شيءِ سان وليمو ڪري سگهجي ٿو. خود رسولِ اڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي سڳورين ازواج مطهرات جي ڪيترن ئي وليمن ۾ جانور ذبح نه فرمايو، بلڪ ان وقت جيڪي به کائڻ جون شيون موجود هيون، انهن سان ئي وليمي جي دعوت فرمائي. اهڙيءَ طرح حضرت موليٰ علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو وليمو به جانور ذبح ڪرڻ کان سواءِ عام کاڌن سان ٿيو هو.

باقي حديث شريف ۾ جيڪو هي ارشاد آيو آهي ته: ”وليما ڪريو، توڙي جو هڪ ٻڪريءَ سان ئي هجي“ ته ان ۾ ٻڪريءَ جو ذڪر وجوب (ضروري هجڻ) جي طور تي ناهي، بلڪ هي فرمان ڇوته نبيءِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي پياري صحابي حضرت عبدالرحمٰن بن عوف رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي فرمايو هو، تنهنڪري اهو سندن خوشحالي ۽ مالي وسعت کي نظر ۾ رکندي هو، ڇاڪاڻ ته هو ٻڪري ذبح ڪرڻ جي طاقت رکندا هئا ۽ اهو سندن لاءِ ڏکيو نه هو. ان ڪري علماءِ ڪرام فرمائين ٿا ته وليمو مڙس جي مالي حيثيت مطابق ڪرڻ مستحب آهي، گڏوگڏ صاحبِ استطاعت (پئسي واري) ماڻهو لاءِ خاص ڪري گوشت سان دعوت ڪرڻ مستحب آهي.

وَاللّٰہُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُہٗ اَعۡلَم صَلَّی اللّٰہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (2) قبرن تي مصنوعي (آرٽيفيشل) گل ۽ لڙيون وغيره وجهڻ ڪيئن؟

سوال: علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ڇا فرمائين ٿا ته عيدن ۽ شبِ برات وغيره جي موقعي تي ڪجهه ماڻهو پنهنجن مرحومن جي قبرن تي مصنوعي (آرٽيفيشل) گل ۽ لڙيون وغيره وجهندا آهن، ڇا اهي قبرن تي وجهي سگهجن ٿا؟

(نوٽ: اهي مصنوعي گل ۽ لڙيون قبرن تي پئي پئي خراب ۽ ناڪاره ٿي وينديون آهن ۽ بعد ۾ انهن کي ڪچري ۾ اڇلايو ويندو آهي).

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: عام مؤمنن جي قبرن تي مصنوعي گل ۽ لڙيون وغيره وجهڻ جائز ناهي، ان ڪري جو ان مان مقصد زينت (سجاوٽ) هوندو آهي ۽ قبر سجاوٽ جي جاءِ ناهي، گڏوگڏ هي اسراف (فضول خرچي) به آهي. اسراف ۽ تذبير جي سڀ کان جامع تعريف هيءَ آهي ته ”غيرِ حق (ناحق) جاءِ تي مال خرچ ڪرڻ اسراف آهي.“ ناحق خرچ جي هڪ صورت هيءَ آهي ته مال گناهه جي ڪم ۾ خرچ ڪيو وڃي، ۽ ٻي صورت هيءَ آهي ته ڪنهن مقصد کان سواءِ مال خرچ ڪيو وڃي، جنهن ۾ مال محض ضايع ٿي وڃي. پڇيل صورت ۾ به اهو مال گناهه جي ڪم ۾ خرچ ڪيو پيو وڃي، ۽ بعد ۾ انهن گلن ۽ لڙين جو ضياع ٿئي ٿو، وري شريعتِ مطهره ۾ به ان جي ڪا اصل (ثبوت) ناهي. تنهنڪري انهن جي بدران ساوڪ وارا (تازا) گل قبرن تي وڌا وڃن، ڇو ته اهي جيستائين تازا رهندا آهن، الله پاڪ جي تسبيح بيان ڪندا آهن، جنهن سان ميت کي انس حاصل ٿيندو آهي ۽ الله پاڪ جي رحمت نازل ٿيندي آهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (3) لقط (واٽ تان لڌل) رقم غريب سيد زادي کي ڏيڻ ڪيئن؟

سوال: علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ڇا فرمائين ٿا ته زيد وٽ لقط (واٽ تان لڌل) رقم موجود آهي، جنهن جي ماليت 4650 رپيا آهي. هيءَ رقم کيس پنهنجي دڪان جي ٻاهران ملي هئي. هن اها رقم مالڪ کي واپس ڏيڻ جي نيت سان کنئي هئي ۽ هن مالڪ کي تلاش به ڪيو، يعني پنهنجي دڪان جي ملازمن، گراهڪن ۽ پاڙيسري دڪاندارن کان پڇيائين، پر گهڻي ڳولا جي باوجود انهن پئسن جو مالڪ نه مليو. مالڪ کي ڳوليندي تقريباً اڍائي مهينا گذري چڪا آهن. هاڻي کيس ظنِ غالب (پڪو گمان) ٿي چڪو آهي ته مالڪ هاڻي پنهنجي رقم نه ڳوليندو هوندو. زيد اها رقم صدقو ڪرڻ چاهي ٿو. سندس دڪان تي هڪ غريب سيد صاحب ملازمت ڪندو آهي، ته ڇا زيد هيءَ رقم ان غريب سيد زادي کي ڏئي سگهي ٿو؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: بيان ڪيل صورت ۾ زيد پنهنجي دڪان جي ٻاهران لڌل رقم غريب سيد زادي کي ڏئي سگهي ٿو.

هن مسئلي جي تفصيل هيءَ آهي تہ جڏهن ڪو شخص لقطہ (لڌل) شيءِ ڪي مالڪ تائين پهچائڻ جي نيت ۽ ارادي سان کڻي، تہ مٿس لازم هوندو آهي تہ ايتري مدت تائين مالڪ کي تلاش ڪري جو ڪيس ظنِ غالب ٿي وڃي تہ هاڻي مالڪ پنهنجي شيءِ کي نہ ڳوليندو هوندو. پوءِ مالڪ نہ ملڻ جي صورت ۾ ڪيس اختيار هوندو آهي تہ چاهي تہ ان شيءِ کي مالڪ تائين پهچائڻ جي ارادي سان محفوظ رکي ڇڏي يا وري ان شيءِ کي ڪنهن بہ نيڪ ڪم ۾ خرچ ڪري ڇڏي. اهڙي شيءِ کي صدقه واجبه وانگر ڪنهن غير سيد، غير هاشمي شرعي فقير تي ئي صدقو ڪرڻ واجب ناهي هوندو، اهوئي سبب آهي تہ مالڪ نہ ملڻ جي صورت ۾ ان شيءِ کي مسجد ۽ مدرسي وغيره ۾ بہ خرچ ڪري سگهجي ٿو. تنهنڪري زيد لقطہ جي اها رقم غريب سيد زادي کي ڏئي سگهي ٿو، چو تہ ڪنهن سيد زادي جي مدد ڪرڻ بہ ڀلائي ۽ خير جي ڪمن مان ئي آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

## (4) ڇا ٽيڪسٽ ميسيج جي سلام جو جواب لکي ڏيڻ لازم آهي؟

سوال: علماءِ دين ۽ مفتيانِ شرع متين هن مسئلي بابت ڇا فرمائين ٿا تہ جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن کي ٽيڪسٽ ميسيج جي ذريعي عربي يا اردو رسم الخط (لکت) ۾ ”السلام عليڪم“ لکي موڪلي، تہ ڇا ان جو تحريري طور تي وعلڪم السلام لکي جواب ڏيڻ شرعاً لازم آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَ الصَّوَابِ

جواب: لکت ۾ موصول ٿيندڙ سلام جو جواب تحريري طور تي لکي ڏيڻ ئي واجب ناهي، بلڪ زباني بہ ڏئي سگهجي ٿو، ان سان بہ جواب ڏيڻ جو واجب ادا ٿي ويندو. پر جواب فوراً ڏنو وڃي، ڇو تہ سلام جي جواب ۾ دير ڪرڻ جي اجازت ناهي. تنهنڪري بهتر هي آهي تہ جيئن ئي ڪنهن جو سلام ملي، تہ فوراً زبان سان سلام جو جواب ڏئي ڇڏي، تہ جيئن دير ڪرڻ جي ڪري گنهگار نہ ٿئي، ۽ پوءِ ٽيڪسٽ ميسيج جو جواب ڏيڻ وقت بہ سلام جو جواب لکي ڇڏڻ گهرجي، تہ جيئن اهو شخص ڪنهن بدگماني جو شڪار نہ ٿئي.

نوٽ: جنهن طريقي سان روبرو (آمهون سامهون) ڪيل سلام ۾ بہ صرف سلامِ تحيت (يعني جيڪو بنيادي طور تي زيارت ۽ ملاقات لاءِ اچڻ وارو ڪري، پنهنجي ڪنهن ٻئي ڪم لاءِ نہ آيو هجي) جو جواب ڏيڻ لازم هوندو آهي، اهڙيءَ طرح لکيل سلام جو جواب لازم ٿيڻ لاءِ بہ ان جو سلامِ تحيت هجڻ ضروري آهي، سلامِ تحيت کان سواءِ سلام جو جواب ڏيڻ يا نہ ڏيڻ جو اختيار آهي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

# مدني مذاڪري جا سوال جواب

## (1) ڪارزبان جي بددعا

سوال: ڪجهه ماڻهو چون ٿا تہ ڪاري زبان واري جي بددعا تمام جلدي لڳندي آهي، ڇا اها ڳالهہ درست آهي؟

جواب: مون اڄا تائين ڪنهن جي ڪاري زبان ناهي ڏٺي، زبان تہ ڳاڙهي هوندي آهي. جيتري قدر بددعا لڳڻ جو تعلق آهي، تہ مظلوم جي دعا ۽ بددعا ٻئي قبول ٿينديون آهن، هاڻي مظلوم چاهي جانور هجي يا غير مسلم، بددعا تہ انهن جي بہ لڳندي آهي. (ڏسو: مرقاة المفاتيح، 24/5، تحت الحديث:2249-مرأة المناجيح، 300/3) ان ۾ ڪاري يا ڳاڙهي زبان جو ڪو تذڪرو ئي ناهي. ماڻهو اهڙيون ڳالهيون پنهنجي طرفان ڪندا رهندا آهن، حالانڪ ڪنهن مرد يا عورت کي ائين چوڻ تہ تنهنجي زبان ڪاري آهي، تنهنجي بددعا لڳي ٿي يا تو مون کي بددعا ڏني تڏهن ئي منهنجو نقصان ٿيو آهي، تہ هتي دل آزاريءَ جون صورتون پيدا ٿي سگهن ٿيون. اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪو پنهنجي طرفان هوشياري ڪندي چوي تہ مون فلاڻي کي بددعا ڏني تہ ان جو نقصان ٿي ويو، فلاڻي مون کي ستايو تہ ان سان ائين ٿيو. اهڙا وڏا ٻول ڳالهائڻ بہ تمام خطرناڪ آهي، تنهنڪري اهڙي قسم جي ڳالهين کان بچڻ گهرجي.

(مدني مذاڪرو، 8 شعبان المعظم 1440ھ)

## (2) هر رڪعت ۾ سورت فاتحہ ۽ سورت اخلاص پڙهڻ ڪيئن؟

سوال: مان قرآن شريف پڙهيل ناهيان، مون کي صرف الحمد شريف ۽ قُلْ هُوَ اللّٰهُ اَحَد ياد آهن، ڇا منهنجي نماز ٿي ويندي؟

جواب: جيسيتائين ڪا ٻي سورت ياد ناهي ۽ نماز جي هر رڪعت ۾ سورت فاتحہ ۽ سورت اخلاص ئي پڙهو ٿا تہ ڪا ڳالهہ ناهي، نماز ٿي ويندي. وڌيڪ سورتون ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهو.

(مدني مذاڪرو، 18 شعبان شريف 1441ھ)

## (3) ڪنهن شيءِ کي وڪڻڻ ۾ ڪيتري منافعو رکجي؟

سوال: مون ڪپڙي جو ڪم شروع ڪيو آهي، تہ ڇا ان ۾ 500 رپيا منافعو رکي سگهان ٿو؟

جواب: سوال ۾ ڪجهہ وضاحت جي ڪمي آهي، البتہ ڪپڙو جيتري جو بہ وڪڻو جائز آهي، پر ڪوڙ نہ ڳالهايو ۽ ڌوڪو نہ ڏيو. گڏوگڏ منهنجو مشورو آهي تہ ايترو مهانگو بہ نہ وڪڻو جنهن سان اوهان جا مسلمان ڀائر تڪليف ۾ اچي وڃن. ڪپڙي جا جيڪي واجبي دام (ملهہ) بڻجڻي ٿو اهو ئي وٺو، ڇو تہ مسلمان سان خيرخواهي ڪرڻ ۽ ان جي ڀلائي چاهڻ ثواب جو ڪم آهي. (مدني مذاڪرو، 6 ربيع الاول شريف 1442ھ)



## (4) اذان جي وقت ڪنن ۾ آڱريون وجهڻ

سوال: اذان جي وقت ڪنن ۾ آڱريون ڇو وڌيون وينديون آهن؟

جواب: اڳي مائيڪ وغيره نہ هوندا هئا، تنهنڪري اوچي جاءِ يا مناري وغيره تي ڪنن جي سوراخن ۾ آڱريون وجهي اذان ڏني ويندي هئي تہ جيئن اذان جو آواز پري پري تائين وڃي. بهارِ شريعت ۾ آهي: اذان چوڻ وقت ڪنن جي سوراخن ۾ آڱريون وجهي رکڻ مستحب آهي، ۽ جيڪڏهن ٻئي هٿ ڪنن تي رکي ڇڏيا تڏهن بہ چڱو آهي. پر پهرين صورت وڌيڪ بهتر آهي (يعني ڪنن جي سوراخن ۾ آڱريون وجهي رکڻ وڌيڪ سٺو آهي) ڇو تہ اهو حديث پاڪ جي ارشاد مطابق آهي ۽ آواز اوچو ڪرڻ ۾ وڌيڪ مددگار آهي: ڇاڪاڻ تہ ڪن جڏهن بند هوندا آهن تہ ماڻهو سمجهندو آهي تہ اڃا آواز پورو ناهي ٿيو، ان ڪري هو آواز کي وڌيڪ بلند ڪندو آهي. (بهارِ شريعت، 470/1-مدني مذاڪرو، 7 ذوالقعدة الحرام شريف 1444هه)

## (5) ڇا زال پنهنجي مڙس جي ميت کي غسل ڏئي سگهي ٿي؟

سوال: ڇا وصيت تي عمل ڪندي زال پنهنجي مڙس کي غسل ڏئي سگهي ٿي؟

جواب: بهارِ شريعت، جلد اول، صفحو نمبر 812 تي آهي: عورت پنهنجي مڙس کي غسل ڏئي سگهي ٿي، بشرط هي تہ موت کان اڳ يا پوءِ ڪو اهڙو معاملو نہ ٿيو هجي جنهن سان هوءَ ان جي نڪاح مان نڪري وڃي؛ مثلاً مڙس جي پٽ يا پيءُ کي شهوت سان ڇهيو هجيس يا بوسو ڏنو هجيس، يا معاذ الله مرتد ٿي وئي هجي (توڙي جو غسل کان اڳ ئي ٻيهر مسلمان ٿي وئي هجي)، ڇو تہ انهن صورتن ۾ نڪاح هليو ويو ۽ هوءَ اجنبي عورت بڻجي وئي، تنهنڪري هاڻي غسل نٿي ڏئي سگهي. (مدني مذاڪرو، 3 محرم الحرام 1441هه)

## (6) عقيقي ۾ ٻن سالن جو ٻڪرو قربان ڪرڻ ڪيئن؟

سوال: اسان جي گهر ۾ ٻن سالن جا ٻہ ٻڪرا آهن، ڇا اسان انهن کي عقيقي ۾ استعمال ڪري سگهون ٿا؟

جواب: جي ها! ڪري سگهو ٿا، بشرط هي تہ انهن ۾ ڪو اهڙو عيب نہ هجي جيڪو قربانيءَ لاءِ رڪاوٽ بڻجندو هجي. (مدني مذاڪرو، بعد نماز تراويح، 20 رمضان المبارڪ 1441هه)

## (7) مسجد جي وڻ جون ڪاٺيون ڪٽڻ

سوال: اسان جي مسجد ۾ وڻ آهن ۽ انهن وڻن کي ڪٽيو ويو آهي، ڇا انهن جون ڪاٺيون وڪڻي سگهون ٿا؟

جواب: مسجد جو وڻ ڪنهن ضرورت تحت ڪٽيو ويو آهي (1) تہ اهي ڪاٺيون مسجد جي ئي ملڪيت آهن، تنهنڪري انهن کي وڪڻي ان جي رقم مسجد تي ئي خرچ ڪئي وڃي. (مدني مذاڪرو، بعد نماز تراويح، 20 رمضان المبارڪ 1441هه)

## (8) ڇا وضو ڪندي نڪ صاف ڪرڻ ضروري آهي؟

سوال: ڇا وضو ڪندي نڪ ۾ پاڻي وجهڻ ۽ ڇيچ (نڊي آڱر) سان نڪ جي اندر جو حصو صاف ڪرڻ ضروري آهي؟

جواب: وضو ڪندي نڪ ۾ پاڻي چاڙهڻ سنت آهي ۽ نڪ ۾ آڱر وجهي نڪ کي صاف ڪرڻ مستحب يعني ثواب جو ڪم آهي.

(ڏسو: بهار شريعت، 295/1، 297-مدني مذاڪرو، 30 ذوالقعدة الحرام 1441هه)

---

(1) وقف ڪيل وڻ جيڪڏهن ميويدار هجن ته جيستائين سائي آهن، انهن کي ڪٽڻ ۽ وڪڻڻ ناجائز آهي، ۽ ڪري پون يا سڪي وڃڻ کان پوءِ جائز آهي ته ڪاٽي وڪڻي ان جا پئسا وقف جي ضرورتن تي خرچ ڪيا وڃن. هسيتائين جو جيڪڏهن ڪو ميوي جو وڻ اڌ سڪي ويو آهي ۽ اڌ مان فائدو وٺي سگهجي ٿو، ته صرف ان اڌ سڪل حصي کي وڪڻڻ جائز آهي، باقي کي منع آهي. متولي جيڪڏهن سائي وڻ کي ڪٽيندو يا وڪڻندو ته اهو خائن ڇئبو ۽ ڪيس توليت (انتظاميا) تان هٽايو ويندو. ها! اهي وڻ جيڪي ميوو نٿا ڏين، بلڪ وقف مان فائدو وٺڻ جو طريقو ئي اهو آهي ته انهن کي وڪڻي پئسا ورتا وڃن، ته انهن جي سائي توڙي سڪل، هر طرح جي بيع (وڪرو) جائز آهي.

(فتاويٰ رضويه، 277/16)



# حضرت سيدنا خُبيب بن عدي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ

مولانا عدنان احمد عطاري مدني
(سينيئر استاد، مرڪزي جامعةالمدينہ فيضانِ مدينہ، ڪراچي)

صفر مهيني سن 4 هجريءَ ۾ ”يومِ رجيع“ جي نالي سان هڪ افسوسناڪ واقعو پيش آيو. ٿيو ائين ته نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ دلين ۾ دينِ اسلام جي شمع روشن ڪرڻ لاءِ ڏهن جان نثار صحابن جو هڪ مختصر قافلو مديني شريف مان روانو ٿيو. جڏهن هُذيل قبيلي کي اها خبر پئي ته انهن 200 تير اندازن جي هڪ جماعت سندن پنيان رواني ڪري ڇڏي.

## دشمنن جي گهيري ۾

قافلي جي امير حضرت عاصم بن ثابت رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي جڏهن پنيان ايندڙ دشمن جو احساس ٿيو ته پاڻ قافلي کي هڪ اوچي جاءِ تي وٺي ويا. اهو ڏسندي ئي ڪافرن کين گهيري ۾ آڻي ورتو ۽ چيو: توهان سڀ پاڻ کي اسان جي حوالي ڪريو، اسان واعدو ٿا ڪريون ته توهان کي قتل نہ ڪنداسين.

## قافلي جي امير فرمايو:

اسان کي نه توهان جي واعدن تي اعتبار آهي ۽ نہ ئي قسمن تي، اسان پاڻ کي توهان جي حوالي نہ ڪنداسين. اهو ٻڌندي ئي دشمنن خدا جي راهه جي انهن مسافرن تي تيرن جي برسات ڪري ڏني. قافلي جي امير بارگاهه الاهيءَ ۾ دعا لاءِ هٿ کڻي عرض ڪيو: اي منهنجا پالڻهار! اسان جي هن حال جي خبر پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تائين پهچاءِ.

هڪ هڪ ڪري قافلي جا ساٿي شهيد ٿيڻ لڳا. آخرڪار بدبختن ٽن صحابن کي زنده گرفتار ڪري ورتو ۽ سخت مارڪٽ ڪندي مڪي ڏانهن گِهلڻ لڳا. هڪ صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ مزاحمت ڪئي ۽ گڏ وڃڻ کان انڪار ڪيو، تہ کين بہ ان ئي وقت خون ۾ وهنجاري (شهيد ڪري) ڇڏيائون. هاڻي صرف حضرت خبيب بن عدي ۽ حضرت زيد بن دثنہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا باقي بچيا هئا. مشرڪن انهن ٻنهي کي مڪي مڪرمہ ۾ وڪڻي ڇڏيو.

## حضرت خبيب جي قتل جو منصوبو

رمضان المبارڪ سن 2 هجريءَ جي غزوه بدر ۾ حضرت خبيب بن عدي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هڪ مشرڪ حارث بن عامر کي قتل ڪيو هو، تنهنڪري ان جي پٽن پنهنجي پيءُ جي قتل جو بدلو وٺڻ لاءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي خريد ڪري قيد ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ کين شهيد ڪرڻ جو ناپاڪ منصوبو جوڙڻ لڳا.

## رحم دل قيدي

قيد دوران هڪ ڏينهن حضرت خبيب رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ صفائي ۽ پاڪائيءَ لاءِ حارث جي ڌيءُ کان

اَسترو گهريو، تہ هن کين اَسترو ڏئي ڇڏيو. ان دوران هوءَ پنهنجي ننڍڙي ٻار کان غافل ٿي وئي. ٻار رڙهندو رڙهندو پاڻ رَضِيَ اللہُ عَنْہُ وٽ پهچي ويو. پاڻ ان کي کڻي پنهنجي ران تي ويهاريائون. جڏهن حارث جي ڌيءُ ٻار کي کين وٽ ڏٺو تہ گهٻرائجي وئي، ان وقت اَسترو سندن هٿ ۾ هو. حضرت خبيب رَضِيَ اللہُ عَنْہُ فرمايو: ”تون ڇا ٿي سمجهين تہ مان تنهنجي ٻار کي قتل ڪري پنهنجي دل جو ساڙ ڪڍندس؟ خدا جو قسم! مان ائين هرگز نہ ڪندس.“ پوءِ پاڻ ٻار کي سندس ماءُ ڏانهن موڪلي ڇڏيائون.

## غيب مان انگور ملڻ

مشرڪ حارث جي ڌيءُ اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ چوندي هئي:

”خدا جو قسم! مون حضرت خبيب رَضِيَ اللہُ عَنْہُ کان بهتر ڪو بہ قيدي يا زنجيرن ۾ جڪڙيل انسان ناهي ڏٺو. مون ڏٺو تہ هڪ ڏينهن هو قيد جي ڪوٺڙيءَ اندر زنجيرن ۾ ٻڌل هئا ۽ هڪ بهترين انگورن جو ڇڳو هٿ ۾ کڻي کائي رهيا هئا، حالانڪہ خدا جو قسم! انهن ڏينهن ۾ مڪي معظم ۾ ڪو بہ ميوو نہ ملندو هو. بيشڪ! اهو تہ الله پاڪ جي طرفان رزق هو جيڪو الله ڪريم حضرت خبيب کي عطا فرمايو هو.“

## ڦاهي جي تختي تي پهريون سجدو

آخرڪار حضرت خبيب جي شهادت جو ڏينهن اچي ويو ۽ کين قتل گاهہ ڏانهن نيو ويو، تہ ڇا ٻار، ڇا عورتون، غلام ۽ مرد سڀئي پنيان هلي رهيا هئا، ائين پئي لڳو ڄڻ ڪو ميلو لڳل هجي. پاڻ رَضِيَ اللہُ عَنْہُ کي ڦاهي جي تختي تي ويهاريو ويو، هر هڪ جي نگاهہ پاڻ جي چهري تي ڄميل هئي پر پاڻ الائجي ڪهڙن خيالن ۾ ٻڌل هئا.

اوچتو مشرڪن کي مخاطب ٿي فرمايائون: مونکي ايترو وقت ڏيو جو مان ٻہ رڪعتون نماز پڙهي سگهان. پوءِ نهايت خشوع و خضوع، عاجزي ۽ حسن و خوبيءَ سان جلدي ٻہ رڪعتون ادا ڪيائون ۽ فرمايائون: دل تہ گهري پئي تہ سجدي مان مٿو نہ کڻان، پر ان ڪري نماز مختصر ڪيم تہ متان ڪو ائين نہ سمجهي تہ خبيب موت جي ڊپ کان نماز وڌي ڪئي آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! هن مردِ مجاهد جي زندگيءَ جي آخري گهڙين ۽ آخري عمل کي ٻار ٻار پڙهو تہ موت مٿان بيٺو آهي ۽ ڪفر و شرڪ جي آنڌين ۾ بہ ايمان جي شمع کي محفوظ رکيو ويو آهي. اهڙي ڏکي وقت ۾ بہ دل ۾ بس اها ئي آس هئي تہ پنهنجي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ سجدو ڪريان ۽ ان جي عبادت ڪريان. پاڻ رَضِيَ اللہُ عَنْہُ پهريان شخص آهن جن کي دينِ اسلام جي خاطر سوليءَ (ڦاهي) تي چاڙهيو ويو، اهڙي طرح شهادت وقت نماز پڙهڻ جي سعادت بہ سڀ کان اڳ پاڻ کي ئي نصيب ٿي.

الله پاڪ اسان کي بہ سندن صدقي پنج وقت نماز باجماعت ادا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

## عشق رسول ﷺ جو بي مثال امتحان

پوءِ انهن ظالمن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي کجور جي هڪ ٽڙ سان مضبوطيءَ سان ٻڌي ڇڏيو ۽ چيو: جيڪڏهن اسلام ڇڏي ڏيندين ته تنهنجي جان بخشي ويندي. پر پاڻ فرمايائون: مان اسلام نٿو ڇڏي سگهان، چاهي منهنجي اڳيان سڄي دنيا ئي ڇو نه اچي وڃي.

مکي جي مشرڪن ٻيهر پڇيو: ڇا توکي اهو پسند آهي ته تنهنجي جاءِ تي تنهنجي نبيءَ کي اها سزا ڏني وڃي ها؟ محبوبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان جان نثار عاشق اهو جواب ڏنو:

الله جو قسم! مان ته اها ڳالهه به پسند نٿو ڪريان ته مان پنهنجي گهر ۾ گهر وارن سان گڏ هجان ۽ منهنجي آقا و موليٰ محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي هڪ ڪنڊو به چڀي.(8)

## آخري دعا

ان کان پوءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ دعا ڪئي: اي منهنجا رب! منهنجي هن حال جي خبر پنهنجي رسولِ محتشم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچائي ڇڏ ۽ جيڪو ڪجهه مون سان ٿيڻ وارو آهي ان کان پنهنجي پياري حبيب کي باخبر فرماءِ. اي پالڻهار! تون انهن سيني ڪافرن کي چونڊي چونڊي تباهه و برباد ڪر ۽ انهن مان ڪنهن کي به باقي نه ڇڏ. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي هن دعا سان مشرڪن تي خوف و هراس طاري ٿي ويو، ڪو زمين تي ليٽي پيو ته ڪو ٻئي جي پٺيان لڪڻ لڳو، ڪو ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڀڄڻ لڳو ته ڪو وڻن جي اوٽ ۾ هليو ويو.

پوءِ غزوه بدر ۾ هلاڪ ٿيل مشرڪن جي ٻارن کي آندو ويو ۽ انهن جي هٿن ۾ نيزا ڏنا ويا، جن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي نيزا هڻڻ شروع ڪيا. ان حالت ۾ پاڻ پنهنجو چهر مبارڪ ڪعبي شريف ڏانهن ڪيو ۽ الله پاڪ جو شڪر ادا ڪرڻ لڳا. پوءِ آهستي آهستي شهادت جا ڍڪ پيئندي پنهنجي جان، جانِ آفرين (مالڪِ حقيقي) جي حوالي ڪري ڇڏيائون.

## بارگاهه رسالت مان سلام

حضرت خبيب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي جڏهن سوليءَ تي چاڙهيو پئي ويو، عين ان ئي وقت رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي وحي جي ڪيفيت طاري ٿي، پوءِ زبانِ رسالت مان اهي لفظ ادا ٿيا: عَلَيْكَ السَّلَامُ يَا خُبَيْب! اي خبيب! تو تي سلام هجي. (12) پوءِ فرمايائون: خبيب کي اڄ مشرڪن شهيد ڪري ڇڏيو، حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام مون وٽ سندس سلام کڻي آيو آهي.(13)

## ڪعبي کان منهن نه ڦريو

شهادت کان پوءِ بدڪردار ڪافرن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي چهر مبارڪ کي ڪعبي کان ڦيرائڻ چاهيو پر ڦيرائي نه سگهيا. بار بار ڪوشش ڪيائون پر هر ڀيري ناڪامي ٿي، آخرڪار مشرڪن پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو چهرو مبارڪ ائين ئي رهڻ ڏنو.

## ٻهڪندڙ رت

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ جنابِ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کي فرمايو: جيڪو شخص خبيب جي لاش کي سوليءَ تان لاهي ايندو، ان لاءِ جنت آهي. اها بشارت ٻڌي حضرت زبير بن عوام ۽ حضرت مقداد بن اسود رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا رات جو سفر ڪندا ۽ ڏينهن جو لڪندا لڪندا "تنعيم" واري هنڌ حضرت خبيب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي سوليءَ وٽ پهچي ويا. اتي ڏٺائون تہ چاليهہ ڪافر پهرو ڏيندي سمهي پيا هئا. چاليهہ ڏينهن گذرڻ جي باوجود لاش مبارڪ تروتازو هو، رت سان پريل ٻئي هٿ زخمن تي رکيل هئا جڏهن تہ تازو رت وهي هيٺ ٽپڪي رهيو هو ۽ ان مان نڪرندڙ مشڪ جي خوشبوءِ سان آس پاس جي فضا واسجي ويل هئي. انهن ٻنهي سڳورن لاش کي سوليءَ تان لاٿو ۽ گهوڙي تي رکي روانا ٿي ويا.

## بَلِيعُ الارض (جنهن کي زمين ڳڙڪائي وئي)

صبح جو قريش جا ستر سوار تيز رفتار گهوڙن تي پنيان روانا ٿيا ۽ انهن ٻنهي سڳورن تائين پهچي ويا. جڏهن انهن ڏٺو تہ قريش جا سوار کين گرفتار ڪري وٺندا تہ انهن حضرت خبيب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ لاش مبارڪ کي گهوڙي تان لاهي زمين تي رکي ڇڏيو. خدا جي قدرت ڏسو تہ هڪدم زمين ڦاٽي پئي ۽ لاش مبارڪ کي ڳڙڪائي وئي، ۽ ڦاٽڻ جو نشان بہ باقي نہ رهيو. ان ئي ڪري حضرت خبيب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي "بَلِيعُ الارض" جي لقب سان ياد ڪيو ويندو آهي.

## صحابن جي للڪار

ان کان پوءِ حضرت زبير بن عوام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪافرن کي چيو تہ: اسان ٻہ شينهن آهيون جيڪي پنهنجي جهنگ ڏانهن وڃي رهيا آهيون، جيڪڏهن همت اٿوَ تہ اسان جو رستو روڪي ڏيکاريو! چاهيو تہ تير اندازيءَ جو مقابلو ڪريو يا ڪليل ميدان ۾ وڙهو، ۽ جيڪڏهن زندگي پياري اٿوَ تہ واپس هليا وڃو.

ڪافرن جڏهن انهن وٽ لاش نہ ڏٺو تہ وڙهڻ مناسب نہ سمجهيو ۽ مڪي واپس هليا ويا. جڏهن انهن ٻنهي پاڪ هستين بارگاهہ رسالت ۾ سڄو ماجرا عرض ڪيو تہ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام بہ دربار ۾ حاضر هئا. کين عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جي انهن ٻنهي جان نثارن جي ان ڪارنامي تي اسان فرشتن جي جماعت کي بہ فخر آهي.

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



کلاس روم

# کاري ٻلي

مولانا حيدر علي مدني
(مدرس، جامعة المدينہ فيضان آن لائن اڪيڊمي)

سر بلال واري واري سان ٻارن کان گذريل سبق ٻڌي رهيا هئا ته اوچتو سندن نظر آخري قطار ۾ وينل ٻن ٻارن تي پئي، جيڪي پاڻ ۾ ڳالهين ۾ مصروف هئا. ظاهري طور تي اهي ڪنڌ جهڪائي سامهون کليل ڪتابن ڏانهن متوجهه نظر اچي رهيا هئا، پر سر بلال فوراً تاڙي ويو ته اهي ڪتاب پڙهڻ بدران هڪٻئي سان ڳجهيون ڳالهيون ڪري رهيا آهن.

سر پڇيو:

اري جناب! توهان ٻنهي جي ڪهڙي اهڙي ڳجهي ميٽنگ هلي رهي آهي، جيڪا سبق کان به وڌيڪ اهم آهي؟

ٻئي ٻار جلدي مان اٿي بيهي رهيا ۽ انهن مان هڪ ٻار ٻئي ڏانهن اشارو ڪندي چوڻ لڳو: سر! اصل ۾ حمزه مونکي ٻڌائي رهيو هو ته سندس ڪاپي اڪ صبح کان ڦڙڪي رهي آهي، لڳي ٿو ته ڪا مصيبت اچڻ واري آهي.

اهو ٻڌندي ئي ڪجهه ٻارن جي کِل نڪري وئي، پر سر جي دڙڪي واري نظر ڏسندي ئي سڀ سنجيده ٿي ويا.

سر بلال چيو: ٻارو! توهان مان ٻيو ڪنهن ڪنهن کي اها ڳالهه معلوم آهي؟

علي چيو: جي سر! منهنجي ڏاڏي به ائين ئي چوندي آهي.

نعمان چيو: سر! اهو ته معلوم نه هو، البته اسان جي ڏاڏي خالي قيچي هلائڻ کان سختي سان جهليندي آهي ته ان سان گهر ۾ جهڳڙا ٿيندا آهن.

نعمان جي ڳالهه ٻڌي پورو ڪلاس روم مختلف ڳالهين سان گونجڻ لڳو: شيشو ٽٽي پوي ته مصيبت ايندي آهي، ڪاري ٻلي رستو ڪاٽي وڃي ته به پريشاني ايندي آهي، وغيره وغيره.

سر بلال مرڪندي هٿ ڪنيو: واه ٻارو! اڄ جو سبق ته پاڻمرادو شروع ٿي ويو آهي. پوءِ هو ڪرسيءَ تي ويهڻ بدران ٻارن جي وچ ۾ اچي ويا ۽ چوڻ لڳا:

ٻارو! سڀ کان پهرين هڪ ڳالهه ياد رکو ته اسلام اسان کي سيکاري ٿو ته الله پاڪ تي يقين ۽ ڀروسو رکڻ سان گڏوگڏ پنهنجي عقل جو به استعمال ڪريون، رڳو ڊپ ۽ وهم جي سهارو نه جيون.

پوءِ سر بلال بورڊ تي وڏن اکرن ۾ لکيو:

### بدشگوني = بي بنياد خوف

پوءِ چيائون: اسلام کان اڳ جڏهن چارو طرف جهالت جو ديرو هو، تڏهن ماڻهو پکين جي آوازن، ڪنهن جاءِ يا ڪنهن ڏينهن کي منحوس سمجهندا هئا. جيڪڏهن سفر تي

ويندي کو پکي ابتڙ طرف اڏامي ويندو هو ته ان کي بدشگوني سمجهي فوراً سفر رد ڪري ڇڏيندا هئا. پر جڏهن اسلام جي روشني پکڙي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعليمات جي برڪت سان ماڻهن کي معلوم ٿي ويو ته اهو سڀ ذهني خوف آهي. اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واضح فرمائي ڇڏيو ته بدشگونيءَ جي ڪا به حقيقت ناهي. (بخاري، 24/4، حديث: 5707)

اسيد رضا هٿ کنيو: پر سر، پوءِ ماڻهو اڃا تائين اهي ڳالهيون ڇو مڃيندا آهن؟

سر بلال مرڪندي چيو: ان جو سبب انسانن جي وهمي طبيعت (Delusion)، اسان جي سماج جو اسلامي تعليمات کان پري هجڻ ۽ الله پاڪ تي يقين جو ڪمزور هجڻ آهي. ان ڪري انسان هر اتفاقي ڳالهه کي ڪنهن نه ڪنهن وهم سان جوڙي ڇڏيندا آهن.

ايتري ۾ پٺيان هڪ آواز آيو: پر سر! جيڪڏهن صبح جو اسڪول ايندي ڪاري ٻلي رستو ڪاٽي وڃي ته پوءِ؟

سر کلي پيا: پوءِ پٽ! ٻلي پنهنجي رستي ويندي ۽ توهان پنهنجي رستي، ٻليءَ جو بهانو ٺاهي اسڪول مان موڪل نه ڪري وٺجو! سڄو ڪلاس ٽهڪ ڏيڻ لڳو.

پوءِ سر سنجيدگيءَ سان چوڻ لڳا: ٻارو! مسلمان جو عقيدو تمام مضبوط هوندو آهي. اسان ته اهو مڃڻ وارا آهيون ته نفعو ۽ نقصان صرف الله پاڪ جي هٿ ۾ آهي، ته پوءِ ڪا اک، ڪو آواز، ڪو ڏينهن، ڪو پکي يا ڪا ٻلي اسان جي قسمت ڪيئن خراب ڪري سگهي ٿي؟

معاويہ پڇيو: پر سر! ڪڏهن ڪڏهن ڇئني طرفن کان اهڙيون ڳالهيون ٻڌي دل ۾ ڊپ اچي ئي ويندو آهي، ته اهڙي حالت ۾ اسان ڇا ڪريون؟

سر بلال فرمايو: تمام سٺو سوال آهي. جيڪڏهن بدشگونيءَ بابت ڪو خراب خيال اچي ته الله پاڪ تي ڀروسو ڪندي پنهنجو ڪم جاري رکڻ گهرجي ۽ ان سان گڏ هڪ دعا پڙهي وٺڻ گهرجي:

اَللّٰهُمَّ لَا خَيْرَ اِلَّا خَيْرُكَ، وَلَا طَيْرَ اِلَّا طَيْرُكَ، وَلَا اِلٰهَ غَيْرُكَ

(مسند احمد، 623/11، حديث: 7045)

ٻارن کي دعا ياد ڪرائيندي سر بلال حمزه وٽ پهچي چڪا هئا. ڪين ڪنڌ تي هٿ رکي شفقت سان چيائون: ته حمزا پٽ! آئنده جيڪڏهن تنهنجي اک ڦڙڪي ته آرام ڪر، پاڻي پيئو، ننڊ پوري ڪر... پر اهو هرگز نه سوچ ته ڪا مصيبت اچڻ واري. آهي مسلمان اميد رکڻ وارو انسان هوندو آهي، بلاوجه ڊڄڻ وارو نه.

پوءِ سر بلال ويندي ويندي چيو: ۽ ها! توهان سڀني ٻارن اڄ گهر وڃي پنهنجي وڏن سان ادب سان ڳالهائڻو آهي ۽ پيار سان کين ٻڌائڻو آهي ته اسلام اسان کي يقين ۽ توڪل سيکاري ٿو، نه ڪي ڊپ ۽ وهم.

سڄو ڪلاس هڪ آواز ٿي چيو: جي سر!





# شفاعتِ مصطفيٰ ڏياريندڙ نيڪيون

مولانا شهزاد يونس عطاري مدني
(فارغ التحصيل: جامعة المدينہ، شعبو اصلاحي ڪتب، المدينة العلميہ، ڪراچي)

الله پاڪ جي عظيم نعمتن مان هڪ وڏي نعمت، جيڪا اسان کي عطا ڪئي وئي آهي، سا هيءَ آهي تہ قيامت جي هولناڪ ۽ هيبتناڪ موقعي تي جڏهن ڪو ڪنهن کان پڇڻ وارو نہ هوندو، ان وقت اسان گناهگارن جي شفاعت فرمائيندڙ، آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان جي شفاعت فرمائيندا. الله پاڪ اسان کي ڪيترائي اهڙا نيڪ عمل عطا فرمايا آهن جن تي عمل ڪرڻ جي برڪت سان اِن شاءَ الله! اسان کي شفاعت نصيب ٿيندي ۽ جنت ۾ داخلا ملندي. انهن مان ڪجهہ عمل هي آهن:

**سچي دل سان ڪلمو پڙهڻ وارو:** حضرت سيدنا ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! قيامت جي ڏينهن اوهان جي شفاعت سان فيضياب ٿيندڙ خوش نصيب ماڻهو ڪهڙا هوندا؟ پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: اي ابو هريره! منهنجو گمان اهوئي هو تہ توکان اڳ مون کان هيءَ ڳالهہ ڪو نہ پڇندو، ڇو تہ مان حديث ٻڌڻ جي معاملي ۾ تنهنجي شوق ۽ ڪوشش کي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ماڻيندڙ خوش نصيب اهو هوندو جيڪو خالص دل سان يا خالص نفس سان چوندو." (i)

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ چوڻ مان مراد اسلام جي سمورن عقيدن جو اقرار ڪرڻ آهي، جيئن چيو ويندو آهي تہ نماز ۾ 'الحمد' پڙهڻ واجب آهي، يعني پوري سورت فاتحہ پڙهڻ. خالصاً فرمائي منافقن کي ڌار ڪيو ويو، ڇو تہ اهي صرف زبان سان اسلام کي مڃيندا هئا ۽ دل ۾ ڪافر هئا. اخلاص سان گڏ دل جو ذڪر صرف تاڪيد لاءِ آهي، ورنہ اخلاص تہ ٿيندو ئي دل سان آهي. (ii)

**روضہ رسول جي زيارت:** الله پاڪ جي رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ زَارَ قَبْرِیْ وَجَبَتْ لَہٗ شَفَاعَتِیْ يعني جيڪو منهنجي مزارِ ڪريم جي زيارت لاءِ حاضر ٿيو، ان لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي. (iii)

هن روايت جي تحت علامہ تقي الدين سُبڪي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: "جيئن اسان جا پيارا نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تمام انبياءِ ڪرام عَلَیْهِمُ السَّلَام کان افضل آهن، اهڙيءَ طرح پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي شفاعت بہ ٻين کان افضل آهي. (iv)

رسولِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو منهنجي زيارت لاءِ آيو ۽ ڪيس زيارت کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم نہ هو، تہ مون تي حق ٿي ويو تہ قيامت جي ڏينهن مان ان جو شفيع (يعني شفاعت ڪندڙ) ٿيان. (v)

نيڪ ٻانهن جون قبرون ان ڳالهہ جون وڏيڪ حقدار آهن تہ برڪت حاصل ڪرڻ لاءِ انهن جي زيارت جو ارادو ڪيو وڃي، ۽ اتي صاحبِ قبر لاءِ، پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن پيارن لاءِ دعا ڪئي وڃي، ڇو تہ انهن بزرگن جي قبرن وٽ گهريل دعا جي قبوليت جي وڏيڪ اميد هوندي آهي ۽ انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جا مزارا تہ نيڪ ماڻهن جي قبرن ۾ سڀ کان وڏيڪ خاص ۽ ممتاز درجو رکن ٿا، بالخصوص تمام رسولن جي سردار، ٻنهي جهانن جي مالڪ ۽ مختار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو روضو مبارڪ. (vi)

**درود شريف پڙهڻ:** شفاعت جو حقدار بڻائيندڙ هڪ نهايت ئي آسان ۽ عمدو عمل درود شريف پڙهڻ آهي. اچو تہ ان باري ۾ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا 4 ارشا د پڙهون ۽ عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون:

(1) جنهن هي چيو: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ (ترجمو: اي الله پاڪ! حضرت محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي رحمت نازل فرما ۽ کين قيامت جي ڏينهن پنهنجي قرب وارو مقام عطا فرماءِ) تہ ان لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي. (vii)

(2) جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو، مان قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس." (viii)

(3) جمعي جي رات ۽ جمعي جي ڏينهن (يعني خميس جي سج لهڻ کان وٺي جمعي جي سج لهڻ تائين) مون تي درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪندا ڪريو، جيڪو ائين ڪندو، قيامت جي ڏينهن مان ان جو شفاعت ڪندڙ ۽ گواهہ ٿيندس." (ix)

(4) جنهن مون تي صبح جو 10 مرتبا ۽ شام جو 10 مرتبا درودِ پاڪ پڙهيو، ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي." (x)

**اي درود پاڪ جا عاشقو!** جيڪو شخص درودِ پاڪ پڙهڻ جي عادت بڻائي وٺي ٿو، اهو احاديثِ مبارڪ جي مطابق شفاعت فرمائيندڙ نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت جو حقدار بڻجي ويندو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

**وسيلي جي دعا شفاعت جو سبب آهي:** الله پاڪ جي آخري رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جڏهن توهان مؤذن کي (اذان ڏيندي) ٻڌو تہ توهان بہ ائين ئي چئو جيڪو اهو چئي رهيو آهي، پوءِ مون تي درود موڪليو، ڇو تہ جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود موڪلي ٿو، الله پاڪ ان تي ڏهہ رحمتون نازل فرمائي ٿو. پوءِ الله پاڪ کان منهنجي لاءِ وسيلو گهرو، اهو جنت جي هڪ منزل آهي جيڪا الله جي ٻانهن مان صرف هڪ ٻانهي جي شان جي لائق آهي، ۽ مان اميد ڪريان ٿو تہ اهو ٻانهو مان ئي آهيان: تنهنڪري جيڪو

منهنجي لاءِ وسيلو گهرندو، ان تي منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي. (xi)

اي عاشقانِ رسول! اذان کان پوءِ درود شريف پڙهڻ گهرجي ته جيئن ان جي برڪت سان اسان تي ڍير رحمتون نازل ٿين، ۽ اذان کان پوءِ واري دعا، جيڪا اڳين حديث شريف ۾ ٻڌائي وئي آهي، اها پڙهڻ جي به عادت بڻايو. چنانچه:

نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: "جيڪو اذان ٻڌي هيءَ دعا پڙهي: اَللّٰهُمَّ رَبَّ هٰذِهِ الدَّعْوَةِ التَّامَّةِ وَالصَّلٰوةِ الْقَائِمَةِ اٰتِ (سَيِّدَنَا) مُحَمَّدَنِ الْوَسِيْلَةَ وَالْفَضِيْلَةَ وَابْعَثْهُ مَقَاماً مَّحْمُوْدَنِ الَّذِيْ وَعَدْتَّهٗ ان لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي وئي." (xii)

علامہ علي قاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث شريف جي تحت فرمائن ٿا: هن دعا جي برڪت سان ايمان تي خاتمو نصيب ٿيندو. (xiii)

**فرض نماز کان پوءِ دعا گهرڻ واري لاءِ شفاعت:** رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن هر فرض نماز کان پوءِ هيءَ دعا گهري، قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ان لاءِ حلال ٿي ويندي؛ (دعا هيءَ آهي:) اَللّٰهُمَّ اَعْطِ مُحَمَّدَنِ الْوَسِيْلَةَ، وَاجْعَلْ فِي الْمُصْطَفِيْنَ مَحَبَّتَهٗ، وَفِي الْعَالِيْنَ دَرَجَتَهٗ، وَفِي الْمُقَرَّبِيْنَ دَارَهٗ (ترجمو: اي الله پاڪ! حضرت محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي وسيلو عطا فرماءِ ۽ پنهنجي پسنديده ٻانهن جي دلين ۾ سندن محبت وجهي ڇڏ، ۽ بلند ترين درجن وارن ۾ سندن درجو بلند فرماءِ ۽ سندن گهر مقرب ٻانهن ۾ بڻاءِ). (xiv)

**مديني شريف جي سختي تي صبر ڪرڻ وارن لاءِ شفاعت:** مڪي مدني آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ارشاد آهي: منهنجو جيڪو به امتي مديني شريف جي سختي ۽ تنگدستي تي صبر ڪندو، قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس. (xv)

**40 حديثون ياد ڪرڻ وارو :** الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عالي شان آهي: جيڪو شخص منهنجي امت تائين پهچائڻ لاءِ دين جي باري ۾ 40 حديثون ياد ڪندو، الله پاڪ کيس قيامت جي ڏينهن عالمِ دين جي حيثيت سان اٿاريندو ۽ قيامت جي ڏينهن مان ان جو شفاعت ڪندڙ ۽ گواهه هوندس. (xvi)

شيخ عبدالحق محدث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن فرمانِ عالي شان مان مراد 40 حديثن کي ماڻهن تائين پهچائڻ آهي، توڙي جو اهي (زباني) ياد نه به هجن. (xvii)

**اهلِ بيت سان محبت :** اهلِ بيت سان محبت ڪرڻ وارو ۽ دل ۽ جان سان سندن خدمت ڪرڻ وارو ضرور شفاعت پائيندو. ان باري ۾ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا 3 ارشاد پڙهو:

(1) اسان جي اهلِ بيت جي محبت کي پاڻ تي لازم ڪريو، ڇو ته جيڪو الله پاڪ سان ان حال ۾ مليو جو هو اسان سان محبت ڪندو هجي، ته الله پاڪ کيس منهنجي شفاعت جي طفيل جنت ۾ داخل فرمائيندو، ۽ ان ذات جو

قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي! ڪنهن بہ بندي کي ان جو عمل ان صورت ۾ ئي فائدو ڏيندو جڏهن هو اسان جو (يعني منهنجو ۽ منهنجي اهلِ بيت جو) حق سڃاڻندو هجي. (xviii)

(2) جيڪو شخص وسيلو حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ۽ اهو چاهي ٿو تہ منهنجي ذمي ان جو ڪو حق هجي جنهن جي سبب مان قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪريان، ان کي گهرجي تہ منهنجي اهلِ بيت جي خدمت ڪري ۽ کين خوش رکي." (xix)

(3) منهنجي شفاعت منهنجي امت جي ان شخص لاءِ آهي، جيڪو منهنجي گهراڻي (يعني اهلِ بيت) سان محبت رکندڙ هجي. (xx)

اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: آلِ پاڪ جي عزت ۽ سندن حقن جي تاڪيد جي باري ۾ حديثون حدِ تواتر تائين پهتل آهن. (xxi) تنهنڪري اسان کي انهن سان سچي محبت رکڻ گهرجي ۽ جيتري قدر ٿي سگهي، سندن خدمت ڪرڻ گهرجي.

**مسلمان جي ضرورت (حاجت) پوري ڪرڻ:**

شفيع روزِ محشر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي حاجت پوري ڪندو، مان قيامت جي ڏينهن ان جي ميزان وٽ بيهندس؛ جيڪڏهن نيڪين جو پڙو ڳرو ٿي ويو تہ ٺيڪ، ورنہ مان ان جي شفاعت ڪندس. (xxii)

الله پاڪ اسان کي اهڙا نيڪ عمل ڪندي شفاعت جو حقدار بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ شفاعت کان محروم ڪندڙ ڪمن کان بچڻ جي توفيق مرحمت فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

(i)بخاري،53/1، حديث:99
(ii)مرأة المناجيح، 421/7
(iii)شعب الايمان، 490/3، حديث: 4159
(iv)شفاء السقام،ص103 ملخصاً
(v)معجم كبير، 225/12، حديث: 13149
(vi)حسن التنبه، 555/2
(vii)معجم كبير، 25/5، حديث:4480
(viii)جمع الجوامع، 199/7، حديث:22352
(ix)شعب الايمان، 111/3، حديث:3033
(x)مجمع الزوائد، 163/10،حديث:17022
(xi)مسلم، ص162، حديث:849
(xii)بخارى، 262/3، حديث:4719
(xiii)مرقاة المفاتيح، 353/2، تحت الحديث:659
(xiv)الترغيب والترهيب، 300/2، حديث:11
(xv)مسلم،ص549،حديث:3347
(xvi)شعب الايمان، 270/2، حديث:1726
(xvii)اشعة اللمعات، 186/1
(xviii)معجم اوسط، 606/1، حديث:2230
(xix)الشرف المؤبد للنبهانى، ص54
(xx)تاريخ بغداد، 144/2
(xxi)فتاوىٰ رضويه، 433/24
(xxii)حلية الاولياء، 389/6، رقم:9038



# جَوَن جي ماني

**مولانا اويس عطاري مدني**
**(فارغ التحصيل جامعة المدينہ)**

الله پاڪ جا آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انتهائي قناعت پسند هئا ۽ سادي غذا تناول فرمائيندا هئا. ڪيترين ئي روايتن ۾ اچي ٿو تہ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي غذا ۾ اڪثر بغير ڇاڻيل جَوَن جي اٽي جي ماني شامل هوندي هئي. (i)

طبقات ابن سعدؒ ۾ روايت آهي تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا بغير ڇاڻيل جَوَن جي اٽي جي ماني تناول فرمائيندا(ii) هئا. حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائي ٿي: رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ لاڳيتو بہ ڏينهن پيٽ ڀري جَوَن جي ماني نہ کاڌي، تان جو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وصال فرمائي ويا. (iii)

حضرت علامہ عبدالمصطفيٰ اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائين ٿا تہ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ چپاتي (پتلي ماني) نہ کاڌي، پاڻ اڪثر غذا ۾ جَوَن جون ٿلهيون مانيون استعمال فرمائيندا هئا. (iv)

کھانا تو دیکھو جو کی روٹی، بے چھنا آٹا، روٹی بھی موٹی
وہ بھی شکم بھر روز نہ کھانا، صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (v)

اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جَوَن جي مانيءَ سان گڏ مختلف شيون بہ تناول فرمايون آهن، جيئن تہ:

**جَوَن جي مانيءَ سان کجور کائڻ:** حضرت يوسف بن عبدالله بن سلام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائي ٿو تہ مون حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏٺو تہ پاڻ جَوَن جي مانيءَ جو هڪ ٽڪرو ڪنيائون، ان تي کجور رکيائون ۽ فرمايائون: هي هن (ماني) جو سالن آهي ۽ تناول فرمايائون. (vi)

کجور کي سالن فرمائڻ مجازي طور آهي، يعني ماني ان سان کائي سگهجي ٿي ۽ اها سالن وانگر آهي. ياد رهي تہ جَو سرد خشڪ آهن ۽ کجور گرم تر، ان ڪري کجور سان جَوَن جي مانيءَ جي اصلاح بہ ٿي وڃي ٿي. هن حديث ۾ صبر ۽ قناعت جي بي مثال تعليم موجود آهي. (vii)

**حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي دعوت:** حضرت جابر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ غزوه خندق جي موقعي تي جَوَن جي ماني ۽ ٻڪريءَ جي گوشت سان رسول ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽

سندن اصحابن جي ضيافت ڪئي هئي. (viii)

**هڪ درزي صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي دعوت:** اهڙي طرح حضرت انس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائي ٿو ته هڪ درزي حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي مانيءَ تي دعوت ڪئي، مان به نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ ويس. هن جَوَن جي ماني ۽ شوربو پيش ڪيو، جنهن ۾ ڪَدو ۽ خشڪ ڪيل نمڪين گوشت جون ٻوٽيون هيون. ماني کائڻ دوران مون ڏٺو ته رسول ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پيالي جي ڪنارن تان ڪدوءَ جون قاڪون ڳولي تناول فرمائي رهيا هئا. ان ڏينهن کان وٺي مان به ڪدوءَ کي پسند ڪرڻ لڳس. (ix)

**حضرت فاطمه الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہَا ماني پيش ڪئي:** حضرت انس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائي ٿو ته هڪ ڀيري حضرت فاطمه الزهراء رَضِیَ اللہُ عَنْہَا جَوَن جي مانيءَ جو هڪ ٽڪرو نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ پيش ڪيو، ته پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: هي پهريون ڪاڌو آهي جيڪو ٽن ڏينهن کانپوءِ تنهنجي والد کاڌو آهي. (x)

صحابه ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُم به حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنت تي عمل ڪندي جَوَن جي ماني کائيندا هئا. جيئن ته حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ماڻهن کي شاهي کاڌا کارائيندا هئا پر پاڻ جَوَن جي ماني، سرڪي ۽ زيتون تي گذارو ڪندا هئا. (xi)

مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جو جَوَن جي ماني کائڻ: حضرت سويد بن غفله رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائي ٿو ته مان مسلمانن جي چوٿين خليفي، حضرت مولاءِ ڪائنات علي المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي خدمت ۾ ڪوفي جي دارالامارت ۾ حاضر ٿيس. سندن سامهون جَوَن جي ماني ۽ کير جو هڪ پيالو رکيل هو. ماني ايتري ته خشڪ ۽ سخت هئي جو پاڻ ڪڏهن هٿن سان ته ڪڏهن گوڏي تي رکي ٽوڙي رهيا هئا. اهو ڏسي مون سندن ٻانهي ٻيبي فضه رَضِیَ اللہُ عَنْہَا کان پڇيو ته "ڇا توهان کي هنن تي ترس نٿو اچي؟ ڏسو ته سهي مانيءَ تي ڀوسي لڳي پئي آهي، هنن لاءِ جَو ڇاڻي نرم ماني پچايو ته جيئن کين ٽوڙڻ ۾ تڪليف نه ٿئي." ٻيبي فضه جواب ڏنو ته امير المؤمنين اسان کان عهد ورتو آهي ته سندن لاءِ ڪڏهن به جَو ڇاڻي ماني نه پچائي وڃي. ايتري ۾ امير المؤمنين منهنجي طرف متوجهه ٿيا ۽ فرمايائون: اي ابن غفله! توهان هن ٻانهيءَ سان ڪهڙي ڳالهه ڪري رهيا آهيو؟ مون جيڪو چيو هو سو عرض ڪيو ۽ عرض ڪيم ته اي امير المؤمنين! پنهنجي جان تي رحم ڪريو ۽ ايتري مشقت نه ڪٽو. تنهن تي پاڻ فرمايائون: اي ابن غفله! ٻنهي جهانن جي مالڪ و مختار، مڪي مدني سرڪار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ۽ سندن گهر وارن ڪڏهن به لاڳيتو ٽي ڏينهن ڪٽڪ جي ماني پيٽ ڀري نه کاڌي ۽ نه ئي ڪڏهن پاڻ ڪريمن لاءِ اٽو ڇاڻي ماني پچائي وئي. (xii)

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ پنهنجي مشهورِ زمانه سلام ۾ حضور

اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سادي غذا ۽ قناعت جو ذڪر ڪندي فرمائن ٿا:

کل جہاں ملک اور جَو کی روٹی غذا
اس شکم کی قناعت پہ لاکھوں سلام (xiii)

### جَوَن جي مانيءَ جا فائدا:

جَوَن ۾ جسماني طاقت جو اڻکٽ خزانو لڪيل آهي. جَو رت ۾ ڪوليسٽرول کي گھٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا ۽ جسم کي ٿولهه کان بچائين ٿا، يعني انسان کي سمارٽ رکن ٿا. جَوَن ۾ جسم کي توانائي ڏيندڙ جزا گھڻي مقدار ۾ موجود آهن. هي سَنڌن جي سور ۾ مفيد آهي ۽ اچ اجهائي ٿو.

### جَوَن جا ٻيا فائدا:

جَو ڪيترن ئي ضروري غذائي جزن جو بهترين ذريعو آهن، جيڪي هن کي انتهائي غذائيت بخش بڻائين ٿا.

هي فائبر (ريشي) سان ڀرپور هئڻ ڪري هاضمي ۾ مددگار آهن ۽ قبض لاءِ مفيد آهن.

جَو ڪائڻ سان رت ۾ شگر جي سطح ڪنٽرول ۾ رهي ٿي.

هن ۾ موجود وٽامنز ۽ معدنيات جسماني سرگرمين لاءِ ضروري آهن.

هي اناج ڀڃن کي مضبوط ڪري ٿو ۽ مجموعي صحت لاءِ فائديمند آهي.

دل جي صحت کي هٿي ڏئي ٿو ۽ دل جي بيمارين جو خطرو گھٽائي ٿو.

وزن گھٽائڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو.

هڏن جي مضبوطي ۽ لچڪ ۾ اضافو ڪري ٿو.

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گھرجي تہ حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنتن جي پيروي ڪرڻ جي نيت سان پنهنجي کاڌ خوراڪ ۾ جَوَن جي مانيءَ کي شامل ڪريون.

کبھی جَو کی موٹی روٹی تو کبھی کھجور پانی
ترا ایسا سادہ کھانا مدنی مدینے والے (xiv)

---

(i)ديکھيے:ترمذی، 160/4، حديث: 2367- ديکھيے: بخاری، 531/3، حديث:5410-ابن ماجہ، 42/4، حديث: 3336
(ii)طبقاتِ ابنِ سعد، 313/1
(iii)ترمذی، 159/4، حديث: 2364
(iv)ديکھيے: سيرتِ مصطفیٰ، ص585، 586
(v)فيضانِ سنت، 646/1
(vi)ديکھيے: ابوداؤد، 507/3، حديث: 3830-مشکاة المصابيح، 98/2، حديث:4223
(vii)مرأة المناجيح، 40/6
(viii)ديکھيے:بخاری، 51/3، 52، حديث: 4101، 4102
(ix)بخاری، 17/2، حديث:2092-537/3، حديث:5436
(x)مسند امام احمد، 440/20، حديث:13223
(xi)حسن التنبہ لما ورد فی التشبہ، 37/3
(xii)فيضانِ سنت، 369/1، 370
(xiii)حدائقِ بخشش، ص304
(xiv)وسائلِ بخشش(مرمم)، ص426



# حاجي ابو رجب مرحوم، هڪ ناقابلِ فراموش شخصيت


**مولانا ابو ماجد محمد شاهد عطاري مدني**

(رڪن مرڪزي مجلسِ شوريٰ دعوتِ اسلامي ۽ نگرانِ مجلس ماهوار فيضانِ مدينه، ڪراچي)


استاذُ العلماء حضرت مولانا حاجي ابو رجب محمد آصف جاويد عطاري مدني رحمۃ اللہ علیہ هڪ باعمل عالم، فاضل، جامعۃ المدينه ڪراچي جا مدرس، اسلامڪ ريسرچ سينٽر ”المدينة العلميہ“ جي مجلس جا رڪن، ماهوار فيضانِ مدينه جا چيف ايڊيٽر، مدني چينل جا مبلغ ۽ لڳ ڀڳ ٻن درجن ڪتابن ۽ رسالن جا مصنف هئا. پاڻ هڪ باوفا مريد، باصفا صوفي، خوش اخلاق، نرم طبيعت جا مالڪ ۽ نهايت ئي متحرڪ شخصيت هئا. سندن پيدائش 21 ربيع الاول 1396ھ مطابق 23 مارچ 1976ع تي محله شريف پوره، گوجره (ضلع ٽوبه ٽيڪ سنگھ، پنجاب) ۾ احمد دين مرحوم جي گھر ۾ ٿي. پاڻ 50 سالن جي عمر ۾ 27 شوال 1447ھ مطابق 16 اپريل 2026ع خميس ڏينهن ڪراچي ۾ وفات ڪيائون.

سندن جنازي نماز اميرِ اهلِ سنت حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري دامت برکاتہم العالیہ دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه (پراڻي سبزي منڊي، ڪراچي) ۾ هفتيوار اجتماع ڪانپوءِ پڙهائي. جنازي نماز ۾ جانشينِ اميرِ اهلِ سنت حضرت مولانا عبيد رضا عطاري مدني مدظلہ العالی، مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي رڪنن، دارالافتاء اهلِ سنت جي مفتين، عالمن سڳورن ۽ هزارين اسلامي ڀائرن شرڪت ڪئي. جنهن ڪانپوءِ کين لياقت آباد (سي ايريا) جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. ٻئي ڏينهن فيضانِ مدينه ڪراچي ۾ عصر جي نماز ڪانپوءِ ”محبتون وڌايو“ شعبي تحت قرآن خواني ۽ ايصالِ ثواب جو اجتماع ٿيو، جنهن ۾ مفتي اهلِ سنت مفتي محمد قاسم عطاري مدظلہ العالی بيان فرمايو ۽ مغفرت جي دعا ڪرائي وئي.

پهرين ملاقات: راقم الحروف (تحرير جي لکندڙ) جي ساڻن پهرين ملاقات جو احوال ڪجھه هن ريت آهي ته مئي 2002ع ۾ جڏهن مان پنجاب مان درسِ نظامي مڪمل ڪري دعوتِ اسلامي جي عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه ڪراچي ۾ مدني تربيت گاهه ۾ حاضر ٿيس، ته اتان هڪ قافلو اسماعيل مسجد (سولجر بازار) ڏانهن وڃي رهيو هو، مونکي به ان قافلي ۾ شامل ڪيو ويو. ان مسجد جا امام ۽ خطيب مولانا حاجي ابو رجب آصف مدني صاحب هئا. اتي ئي منهنجي ساڻن پهرين ملاقات ٿي، کين تمام گھڻو خوش اخلاق ۽ ملنسار ڏٺم. پاڻ مسجد سان گڏ پنهنجي حجري ۾ ڪمپيوٽر تي ڪمپوزنگ ۽ تحقيقي ڪم ۾ مصروف رهندا هئا. معلوم ٿيو ته پاڻ جامعه مدنيه ۾

پڙهائڻ سان گڏوگڏ تصنيف ۽ تاليف جو ڪم بہ ڪندا هئا.

**المدينة العلميہ ۽ حاجي ابو رجب مدني:** المدينة العلميہ (دعوتِ اسلامي جي تحقيقي اداري) جي نئين سر تشڪيل آڪٽوبر 2003ع ۾ ٿي. جنوري 2004ع ۾ اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي حڪم تي حاجي ابو رجب مدني صاحب هن اداري ۾ تحريري ۽ تحقيقي خدمتن لاءِ شامل ٿيا. پاڻ المدينة العلميہ جا ناظم (ايڊمنسٽريٽر) بہ رهيا ۽ پنهنجي وفات تائين مجلس المدينة العلميہ جا رڪن ۽ "اصلاحي ڪتب شعبي" جا نگران رهيا.

سندن نگراني ۾ ڪوشش سان المدينة العلميہ اڄ هڪ وڏو علمي ادارو بڻجي چڪو آهي، جنهن ۾ 144 جي لڳ ڀڳ عالم ۽ اسٽاف ڪم ڪري رهيا آهن. هن اداري هن وقت تائين 2165 ڪتابن ۽ رسالن تي ڪم ڪيو آهي، جن ۾ بهارِ شريعت (تخريج ٿيل)، صراط الجنان في تفسير القرآن (10 جلد)، ملفوظاتِ اميرِ اهلِ سنت (12 جلد)، احياء العلوم (مترجم) ۽ ٻيا ڪيترائي وڏا علمي منصوبا شامل آهن.

**تنظيمي شعور ۽ اخلاق:** حاجي ابو رجب مدني صاحب هڪ نهايت ئي سمجهدار ۽ تنظيمي شعور رکندڙ شخصيت هئا. دعوتِ اسلامي جي مشورن ۾ هميشہ وقت جي پابندي سان شريڪ ٿيندا هئا. اسان جو پاڻ ۾ پيار وارو تعلق هو. جيتوڻيڪ ڪڏهن راءِ ۾ اختلاف بہ ٿيندو هو، پر پاڻ ڪڏهن بہ ضد يا انا جو شڪار نہ ٿيا، بلڪ اجتماعي فيصلي کي هميشہ پنهنجي ذاتي راءِ تي مقدم رکندا هئا. سندن شخصيت انا ۽ خودنمائي کان پاڪ هئي.

**ماهوار فيضانِ مدينہ:** 2017ع ۾ جڏهن "ماهوار فيضانِ مدينہ" جو آغاز ٿيو تہ حاجي ابو رجب مدني صاحب کي ان جو "چيف ايڊيٽر" مقرر ڪيو ويو. هن رسالي جي ترتيب، مضمونن جي چونڊ ۽ علمي معيار کي برقرار رکڻ ۾ سندن بنيادي ڪردار هو. پاڻ وفات جي مهيني (اپريل 2026ع) تائين بيماري جي باوجود ايڊيٽر مولانا راشد علي عطاري مدني سان رابطي ۾ رهيا ۽ رهنمائي ڪندا رهيا. اڄ هي ماهوار اردو سميت ستن مختلف ٻولين (سنڌي، عربي، هندي، گجراتي، انگلش، بنگلا) ۾ شايع ٿي رهيو آهي.

**مدني مذاڪرو ۽ مرشد سان محبت:** اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مدني مذاڪرن ۾ شريڪ ٿيڻ سندن زندگي جو لازمي حصو هو. بيماري ۽ جسماني ڪمزوري جي باوجود پاڻ تمام گهڻي پابندي سان مدني مذاڪري ۾ حاضر ٿيندا هئا. سندن هيءَ پابندي رڳو روايتي نہ هئي، بلڪ پنهنجي مرشد سان محبت ۽ عقيدت جي نشاني هئي. پاڻ پنهنجي عمل سان هي سبق ڏنائون تہ دين جي ڪمن ۽ علمي محفلن ۾ استقامت ئي اصل ڪاميابي آهي.

الله پاڪ حاجي ابو رجب مدني صاحب جون ديني خدمتون قبول فرمائي، ڪين پنهنجي ويجهڙائي نصيب ڪري ۽ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# امانتداري اپنايو

**مولانا محمد جاويد عطاري مدني**

(فارغ التحصيل جامعة العلميہ)

اسان جي پياري نبي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: لَا اِيْمَانَ لِمَنْ لَا اَمَانَةَ لَهٗ يعني جنهن ۾ امانتداري ناهي، ان جو ايمان (مضبوط) ناهي.

(مسند احمد، 376/19، حديث: 12383)

پيارا ٻارؤ! اسان جو پيارو دين اسان کي تمام پياريون ڳالهيون سيکاري ٿو، جن مان هڪ اهم ترين خوبي "امانتداري" آهي. اچو تہ هن خوبي بابت ڄاڻون:

**امانت جو مطلب آهي:** اها شيءِ يا پئسا وغيره جيڪي ڪنهن وٽ حفاظت لاءِ رکيا وڃن. جيڪو امانتداري اختيار ڪري ٿو ان کي "امين" چيو ويندو آهي، جڏهن تہ خيانت ڪندڙ کي "خائن" چيو ويندو آهي.

امانتداري دين اسلام جي بنيادي تعليمات مان آهي. هڪ سچي مسلمان جي سڀ کان وڏي خوبي اها آهي تہ هو امانتدار هجي. امانتدار ٻار الله پاڪ ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تمام گهڻو پسند آهي. امانتداري سان ماڻهن ۾ عزت، محبت ۽ اعتماد وڌي ٿو.

فرض ڪريو تہ اوهان جي ننڍي ڀاءُ پنهنجو پيسا گڏ ڪرڻ جي گُلڪ (Saving Box) اوهان وٽ امانت طور رکايو؛ جيڪڏهن اوهان ان مان هڪ پئسو بہ نہ ڪنيو ۽ ڪيس واپس ڪري ڇڏيو تہ اوهان امانتداري اختيار ڪئي، پر جيڪڏهن اوهان ان مان ڪجهہ پئسا لڪائي ورتا تہ اها "خيانت" آهي، جنهن کان منع ڪئي وئي آهي.

ياد رکو تہ امانت جو مفهوم تمام وسيع آهي، ٻين معاملن ۾ بہ امانتداري جو عنصر ملي ٿو: مثال طور جيڪڏهن اوهان جي ڪنهن دوست اوهان کي ڪا راز جي ڳالهہ ٻڌائي ۽ اوهان اها ٻين ٻارن کي ٻڌائي ڇڏي، تہ اوهان ان جي امانت ۾ خيانت ڪئي. اسڪول جي استاد ٻاران مليل هوم ورڪ (گهر جو ڪم) بہ هڪ امانت آهي، ان کي بہ مڪمل ذميواري سان پورو ڪريو. اهڙي طرح گهر جون ڳالهيون بہ امانت هونديون آهن، اهي ٻاهر نہ ٻڌائڻ گهرجن.

پيارا ٻارؤ! هميشہ ماڻهن جي شين ۽ حقن جا محافظ ۽ امين بڻجو، ڪڏهن بہ امانت ۾ خيانت نہ ڪريو ۽ نہ ئي ڪنهن جو

اعتماد ٽوڙيو، بلڪ هڪ سٺو انسان بڻجي ڏيکاريو.

پيارا ٻارؤ! امانتداري اها خوبي آهي جنهن جي ڪري غير مسلم بہ اسان جي نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا دشمن هجڻ باوجود پنهنجو قيمتي سامان پاڻ سڳورن وٽ رکندا هئا، ان ڪري ئي پاڻ سڳورا ”امين“ جي لقب سان مشهور هئا. پاڻ ڪريم عَلَيْهِ السَّلَام هجرت جي موقعي تي دشمنن جون امانتون بہ حضرت علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي حوالي ڪيون تہ جيئن اهي انهن جي اصل مالڪن تائين پهچايون وڃن. اسان ڪي بہ گھرجي تہ پنهنجي زندگي جو هر معاملو، چاهي اهو ننڍو هجي يا وڏو، ان ۾ امانتداري اختيار ڪريون ۽ شروع ۾ لکيل حديث پاڪ تي عمل ڪريون.

الله پاڪ اسان کي هڪ سچو ۽ پڪو امانتدار مسلمان بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



# پر هو تہ جهنمي آهي!

مولانا سيد عمران اختر عطاري مدني
(فارغ التحصيل جامعۃ المدينہ)

اسان جا پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جي عطا سان ايندڙ حالتن ۽ واقعن کي اڳواٽ ئي ڏسي وٺندا هئا، ايتري قدر جو پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ماڻهن جي سينن ۾ لڪل ڪفر ۽ نفاق کي بہ ڄاڻي وٺندا هئا.

جيئن تہ هڪ جنگ کان پوءِ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي لشڪر جو معائنو (جائزو) ورتو ۽ ڪافرن پنهنجي لشڪر جو. اسلامي لشڪر ۾ هڪ شخص اهڙو بہ هو جيڪو اڪيلو پڇي ويندڙ مشرڪن کي زنده نہ ڇڏيندو هو، بلڪ انهن جو پيڇو ڪري کين قتل ڪري ڇڏيندو هو. صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم عرض ڪيو تہ اڄ اسان مان ڪنهن بہ هن شخص جهڙو عظيم ڪارنامو سرانجام ناهي ڏنو. رسولِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: **پر هو تہ جهنمي آهي.**

هڪ مسلمان چيو: مان هن سان گڏ رهندس (يعني ان جي باري ۾ لڪي معلومات وٺندس). ان شخص جو بيان آهي تہ مان ان جو پيڇو ڪندو رهيس، هو جتي بيهندو هو تہ مان بہ بيهي رهندو هيس ۽ هو جڏهن تيز هلندو هو تہ مان بہ تيز هلندو هيس. اڳتي هلي ان شخص کي ڏاڍو گهرو زخم لڳو، تنهنڪري هن تڪڙو موت حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي تلوار جو هٿيو زمين تي ۽ ان جي نوڪ پنهنجي سيني تي رکي پنهنجو سڄو بار تلوار تي وجهي خودڪشي ڪري ڇڏي. (هي سڄو معاملو ڏسڻ وارو) اهو عقيدتمند ماڻهو بارگاهہ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: مان گواهي ڏيان ٿو تہ واقعي پاڻ سڳورا الله پاڪ جا سچا رسول آهيو. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: ڇا ڳالهہ آهي؟ هن عرض ڪيو تہ: اوهان جنهن شخص جي باري ۾ فرمايو هو تہ هو جهنمي آهي، تہ ماڻهن کي اها ڳالهہ ڏاڍي نامانوس (عجيب) لڳي هئي. مون کين چيو هو تہ مان توهان کي ان جي حقيقت ٻڌائيندس، تنهنڪري مان ان جي ڳولا ۾ نڪتس ڏٺم تہ هو سخت زخمي ٿي پيو هو. پوءِ هن مرڻ ۾ جلدي ڪئي، يعني پنهنجي تلوار جو هٿيو زمين تي رکيائين ۽ نوڪ پنهنجي سيني سان لڳائي ان تي پنهنجو بار وجهي خودڪشي ڪري ورتائين..

(ڏسو: بخاري، 281/2، حديث: 2898)

ان شخص جو نالو ڦزمان هو ۽ هو منافق هو. هي واقعو غزوه خيبر يا غزوه احد جو آهي، جنهن ۾ شروع ۾ هي شخص شريڪ نہ ٿيو هو، پر جڏهن عورتن کيس بزدليءَ جو طعنو ڏيندي چيو تہ ”تون تہ مرد ٿي بہ عورتن وانگر گهر ۾ وينو آهين“، تڏهن هو دين جي سربلنديءَ لاءِ نہ بلڪ رڳو پنهنجي قومي غيرت ۽ عزت بچائڻ لاءِ جنگ ۾ شريڪ ٿيو. جيئن تہ حضرت قتاده بن نعمان رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي سامهون هن پاڻ پنهنجي زبان سان ان ڳالهہ جو اقرار ڪيو هو تہ: مون دين لاءِ نہ، پر پنهنجي غيرت ۽ ساک بچائڻ لاءِ جهاد ڪيو آهي.

(ڏسو: عمدة القاري، 218/10، تحت الحديث: 2898)

ٿورو سوچيو! جنهن شخص جي ڪوششن کي صحابہ ڪرام هڪ عظيم ديني خدمت سمجهي رهيا هئا، حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو ان جي باطني منافقت کان اڳواٽ باخبر ٿي وڃڻ يقيناً هڪ عظيم معجزو آهي. هن معجزي مان اسان کي ڪجهہ اهم سبق ملن ٿا:

* ڪنهن جي قابلِ قدر ڪارنامي جي واکاڻ ڪرڻ ۽ حوصلہ افزائي ڪرڻ سٺي ڳالهہ آهي، بلڪ هيءَ صحابہ ڪرام جي پياري سنت آهي.

* جنهن ماڻهوءَ يا معاملي بابت جيڪڏهن ماڻهو غلط فهمي جو شڪار ٿي پون، تہ شريعت جي حدن ۾ رهندي انهن جي غلط فهمي دور ڪرڻ گهرجي.

* ٻين کي دوکو ڏيڻ، دوکي ۾ رکڻ منافقن جي بدترين عادت آهي.

* بزرگن جي فرمانن يا ڳالهين جي تائيد ۽ ثبوت ڳولهڻ ۾ ڪو حرج ناهي.

* زندگيءَ جي تڪليفن ۽ امتحانن کان بچڻ لاءِ خودڪشي ڪرڻ بزدلي آهي ۽ هي عمل آخرت جي عذاب جو سبب بڻجندو آهي.

* اسان کي هميشہ الله پاڪ جي پوشيده تدبيرن کان ڊڄڻ گهجي ۽ رب پاڪ کان دنيا توڙي آخرت ۾ عافيت جو سوال ڪرڻ گهرجي.

* ڪڏهن ڪڏهن رب ڪريم پنهنجي دين جو ڪم ڪنهن فاسق يا فاجر ماڻهوءَ هٿان بہ وٺي وٺندو آهي.

نوٽ: ياد رهي تہ پاڻ کي جسماني تڪليف پهچائڻ يا پاڻ کي مارڻ (خودڪشي ڪرڻ) سخت حرام آهي ۽ جهنم ۾ وٺي ويندڙ عمل آهي. الله پاڪ! جيڪو بہ هي.





# پنهنجن بزرگن کي ياد رکو


**مولانا ابو ماجد محمد شاهد عطاري مدني**

رڪن مرڪزي مجلسِ شوريٰ (دعوتِ اسلامي) ۽
نگرانِ مجلس ماهوار فيضانِ مدينہ، ڪراچي)


صفرُ المظفر اسلامي سال جو ٻيو مهينو آهي. هن مهيني ۾ جن صحابہِ ڪرام، اولياءِ عظام ۽ علماءِ اسلام جو وصال يا عرس آهي، انهن مان 105 بزرگن جو مختصر ذڪر ”ماهوار فيضانِ مدينہ“ جي صفرُ المظفر 1439ھ کان 1447ھ جي شمارن ۾ ڪيو ويو آهي، وڌيڪ 12 بزرگن جو تعارف ملاحظہ فرمايو:

## صحابہِ ڪرام عليهمُ الرضوان:

(1) حضرت ابوشيخ أُبي بن ثابت بن منذر انصاري خزرجي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پاڻ حضرت حسان بن ثابت انصاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جا ڀاءُ آهن، پاڻ غزوہِ بدر ۽ غزوہِ احد ۾ شريڪ ٿيا. سندن شهادت واقعو بئرِ معونہ صفرُ المظفر 4 هجريءَ ۾ معونہ ۾ ٿي. سندن ڪو بہ اولاد نہ هو. (i) (2) حضرت منذر بن محمد بن عقبہ بن أُحَيحہ بن جُلاح اوسي انصاري رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پاڻ غزوہِ بدر ۽ غزوہِ احد ۾ شريڪ ٿيا ۽ صفر 4 هجريءَ ۾ بئرِ معونہ جي مقام تي جامِ شهادت نوش فرمايائون. سندن ڏاڏا أُحيحہ بن جُلاح رسولِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي ڏاڏا سائين حضرت عبدالمطلب جا ماءُ شريڪ ڀاءُ هئا. (ii)

## علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰہُ:

(3) امام ابو زڪريا يَحيٰ بن عبدالله بن بُڪير قُرَشي مخزومي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ پاڻ 154 يا 155 هجريءَ ۾ پيدا ٿيا ۽ 15 صفر المظفر 231 هجريءَ تي وصال فرمايائون. پاڻ امام مالڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ کان 17 ڀيرا مؤطا جون حديثون ٻڌيون هيون. پاڻ محدثِ ڪبير ۽ پنهنجي وقت جا امام هئا. (iii)

(4) عمدةُ المحققين حضرت مولانا قاضي عبدالنبي ڪوڪب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ سندن پيدائش 1355 هجريءَ ۾ گجرات (پنجاب) ۾ ٿي ۽ هڪ حادثي ۾ 19 صفر 1398 هجريءَ تي لاهور ۾ وصال فرمايائون. پاڻ مفتي احمد يار خان نعيمي جا شاگرد، جيد عالمِ دين، پنجاب يونيورسٽي مان ايم اي عربي، جامعہ نعيميہ جا استاد، جامعہ گنج بخش لاهور جا صدر مدرس ۽ جامع مسجد تاجي شاهہ جا خطيب هئا. پاڻ قديم قلمي نسخن جا ماهر (ريسرچ اسڪالر) ۽ پنجاب يونيورسٽي جا ليڪچرار هئا. سياسي رهنما، باني يومِ رضا لاهور ۽ ڪيئي ڪتابن جا مصنف پڻ آهن. سندن تصنيف ڪيل 19 ڪتابن ۽ رسالن ۾ خطن جو

مجموعو الخزائن (2 جلدَ) ۽ مقالاتِ يومِ رضا (3 جلد) شامل آهن. (iv)

(5) استاد العلماء حضرت مفتي محمد حسين شوق رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه پاڻ 1912ع ۾ ضلع ميانوالي جي هڪ علمي گهراڻي ۾ پيدا ٿيا ۽ 2 صفر 1406 هجريءَ تي وصال فرمايائون. پاڻ معقول ۽ منقول علمن جا ماهر، بهترين مدرس ۽ پير مهر علي شاھ جا شاگرد هئا. پاڻ مدرسہ زينت الاسلام ترگ شريف جا استاد ۽ دارالعلوم محموديہ رضويه پيلان جا مهتمم هئا. شيخ الحديث محمد شريف رضوي مرحوم سندن شاگرد آهن. (v)

(6) شيرِ بهار مفتي محمد اسلم رضوي نوري رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه سندن پيدائش 1353 هجريءَ ۾ ضلع مظفرپور بهار، هند ۾ ٿي. پاڻ دارالعلوم مظهرِ اسلام بريلي شريف جا فاضل، مفتيِ اعظم هند جا مريد ۽ خليفہ هئا. پاڻ بهترين مدرس، خطيب، مناظرِ اهلسنت، دارالعلوم چيره جا مفتي ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جا مصنف هئا. پاڻ 58 سال تعليمي خدمتون سرانجام ڏنيون. سندن وصال 11 صفر 1433 هجريءَ تي ٿيو ۽ تدفين جامعہ قادريہ مقصود پور ۾ ڪئي وئي. (vi)

## اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ:

(7) حضرت سيد ابو عمر موسيٰ ثاني حسني رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه سندن پيدائش محرم 221 هجريءَ ۾ مدينہ منوره ۾ ٿي ۽ اتي ئي صفر 288 هجريءَ ۾ وفات پاتائون. هڪ قول موجب پاڻ عباسي خليفي مهتدي بالله جي دور حڪومت ۾ ڪوفي يا سويق (مديني پاڪ جي ويجهو) 256 هجريءَ ۾ شهيد ٿيا. پاڻ حديث جا راوي ۽ زهد و تقويٰ جا پيڪر هئا. (vii)

(8) دانا سورتي حضرت خواجہ سيد جمال الدين صورتي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه پاڻ خوارزمي خاندان امام علي نقي عسڪري مان آهن. پيدائش 898 هجريءَ ۾ خسبوق، خوارزم ۾ ٿي. روحاني طور تي خواجہ عبيدالله احرار نقشبندي کان فيض حاصل ڪيائون. شهزادو دانيال بن بادشاھ اڪبر کين مُريد هئا. پاڻ خوارزم کان هجرت ڪري سورت، هند ۾ آيا ۽ اتي ئي 5 صفر 1015 هجريءَ تي وصال فرمايائون. مزار شريف اتي ئي مرجع خلائق آهي. (viii)

(9) شيخ شمس الدين محمد بن شيخ محمد سعدالدين جباوي قبيباتي شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡہ پاڻ دمشق (شام) جي خانقاھ سعدالدين جا سجاده نشين، مقبولِ خاص و عام، ۽ نهايت سخي انسان هئا. پاڻ ماڻهن جي خوشي ۽ غمي ۾ شريڪ ٿيندا هئا. دسترخوان تمام گهڻو وسيع رکندا هئا. محفلن جي صدارت ڪندا هئا، خانقاھ کي وسعت ڏئي ڪري پيهر نئين سري تعمير ڪيائون، سندن وصال 23 صفر 1020 هجريءَ تي ٿيو. خانقاھ سعدُ الدين ۾ تدفين ڪئي

وئي. (ix)

(10) مشهور صوفي شاعر مرزا ابو المعاني عبدالقادر بيدل دهلوي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه پاڻ 1054 هجريءَ ۾ راج محل، صوبي بنگال، هند ۾ پيدا ٿيا ۽ 2 يا 4 صفر 1133 هجريءَ تي وفات پاتائون. سندن مزار دهلي ۾ آهي. پاڻ ابتدائي اسلامي علوم کان آگاهه، ڪثيرُ المطالعه، هم زمانه صوفياءِ ڪرام کان صحبت يافته، پاڻ صاحبِ ڪشف و ڪرامت، قناعت، همدردي، خودداري، خدا ترسي جهڙي اعليٰ صفات جا مالڪ هئا. سندن شعري مجموعو ڪلياتِ بيدل دهلوي مشهور آهي. (x)

(11) پيرِ طريقت حافظ سيد حيدر علي شاهه گيلاني سليماني رَحمَةُ اللهِ عَلَيه سندن پيدائش 1276 هجريءَ ۾ خاندانِ غوثِ اعظم ۾ ٿي ۽ 20 صفر 1356 هجريءَ تي وصال فرمايائون. سندن مزار دامنِ گوهه، جبي شريف ويجهو جوهرآباد ضلع خوشاب ۾ آهي. پاڻ حافظِ قرآن، صاحبِ مجاهده ۽ ڪرامت هئا. (xi)

(12) صاحبِ علمِ لدني حضرت ميان محمد حيات نقشبندي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه سندن پيدائش 1341 هجريءَ ۾ ٿي ۽ وفات 5 صفر 1407 هجريءَ تي ٿي، سندن مزار مبارڪ شاد باغ ڪالوني، ريلوي اسٽيشن ننڪانه، پنجاب ۾ آهي. پاڻ عارف بالله، ميان فضل دين فضلان واري سرڪار جا مُريد ۽ خليفه ۽ ڪثيرُ المريدين، ۽ صاحبِ ڪرامت بزرگ هئا. (xii)

---

(i)اسدالغابہ، 75/1-طبقات ابن سعد، 382/3
(ii)اسدالغابہ، 286/5-الاصابہ،188/1، 189
(iii)سیر اعلام النبلاء،260/9، 261
(iv)ویب سائٹ ضیائے طیبہ-https://scholars.pk/ur/scholar/molana-qazi-abdul-nabi-kokab-lahore
(v)تذکرہ علمائے اہل سنت میانوالی،ص 83تا86
(vi)شیربہار،ص 28، 50، 62، 235
(vii)اتحاف الاکابر، ص158-تذکرہ مشائخ قادریہ،ص56
(viii)تذکرۃ الانساب، ص238، 239
(ix)لطف السمر، ص56 تا 61-خلاصۃ الاثر، 160/4، 161
(x)حیرت زار،ص10تا17
(xi)خوشاب سرزمین اولیاء،ص 178تا185
(xii)حیات صادق،ص46تا49



ترجموءِ ترتيب:

ايازهاشم عطاري مدني

# شڪست جو انعام

(هڪ اهڙي پهلوان جي داستان جنهن سادات جي عزت ۽ لڄ خاطر شڪست کاڌي ۽ سيدالطائفه بڻجي ويا)

**ڪتاب: زلف و زنجير**

جنيد نامي پهلوان بغداد جي خليفي جو درباري پهلوان هو گويہ سلطنت جو نَڪُ سمجهيو ويندو هو. ان وقت جا وڏا وڏا سورما بہ سندس طاقت ۽ فن کان گهڻي قدر متاثر هئا. قد ڪاٺ جي لحاظ کان بہ هو ڏسڻ وارن لاءِ هڪ عجوبو هوندو هو. شخصيت جي دٻدٻي ۽ رعب جو اهو عالم هو جو وقت جو وڏي ۾ وڏو پهلوان بہ ساڻس اک ملائڻ جي طاقت نہ رکندو هو. ڪمالِ فن جي ڪري سندس شهرت غير معمولي حد تائين پهچي چڪي هئي. سڄي سلطنت ۾ جنيد جو ڪو مٽ يا مقابلي جو حريف نہ بچيو هو. هاڻي جنيد جو مقام صرف اهو ئي وڃي بچيو هو تہ هو خليفه بغداد جي شاهي شان و شوڪت جو هڪ چٽو نشان هو. دربارِ شاهي ۾ جنيد لاءِ اعزاز جي هڪ مخصوص جاءِ هئي جتي هو ٻڌجي سنورجي، خليفي جي ساڄي پاسي ويهندو هو.

دربار لڳل هو........ ارڪانِ سلطنت پنهنجي پنهنجي ڪرسين تي ويٺل هئا....... جنيد بہ پنهنجي مخصوص لباس ۾ زينتِ دربار بڻيل هو تہ هڪ دربارن اچي اها اطلاع ڏني:

صحن جي دروازي تي هڪ ڪمزور جان وارو شخص بيٺو آهي. شڪل و صورت جي پريشان حالي ۽ ڦاٽل لباس مان تہ هُو هڪ فقير معلوم ٿي رهيو آهي. ڪمزوري ۽ ناتواني جي ڪري سندس قدم لڙڪڙائي رهيا آهن، زمين تي پير رکڻ بہ سندس لاءِ مشڪل آهي، پر سندس آواز جي لهجي ۽ پيشانيءَ جي گهنجن مان فاتحاڻي شان پئي ٿي ڏسجي.

هو اڄ صبح کان وٺي برابر ضد ڪري رهيو آهي تہ "**منهنجو هي چيلنج جنيد تائين پهچايو تہ مان ساڻس مَلهہ وڙهڻ چاهيان ٿو**". قلعي جا مُحافظين ڪيس مُسلسل سمجهائي رهيا آهن تہ "اي ڪمزور ۽ ناتوان اهڙي وڏي ڳالهہ نہ ڪر، جنهن جي هڪ ئي ڌوڪ سان تنهنجو ساهہ نڪري وڃي، ان سان مَلهہ وڙهڻ جو خواب ڏسڻ هڪ چريائپ کان سواءِ ڪجهہ نہ آهي." پر هو اصرار ڪري رهيو آهي تہ سندس اهو پيغام شاهي دربار تائين پهچايو وڃي.

دربان جي زباني هيءَ عجيب و غريب خبر ٻڌي درٻار ۾ موجود ماڻهن جي ان اڻڄاتل شخص ڏانهن دلچسپي وڌي وئي. خليفي حڪم ڏنو تہ ڪيس درٻار ۾ حاضر ڪيو وڃي.

ٿوري دير کان پوءِ دربان ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي حاضر ٿيو، سندس قدم لڙڪڙائي رهيا

هئا، ڇهري تي پيلاڻ چانيل هئي. هو وڏي مشڪل سان دربار جي وچ ۾ اچي بيهي رهيو.
وزير پڇا ڪئي: تون ڇا چوڻ چاهين ٿو؟
اٽچاتل شخص جواب ڏنو: مان جنيد سان مَلھ وڙهڻ چاهيان ٿو.
ڇا توکي اها خبر ناهي ته جنيد جو نالو بڏي وڏن وڏن بهادرن جي پيشانيءَ تي پگهر اچي ويندو آهي؟ سڄي رياست ۾ هاڻي سندس ڪو مقابلي ڪندڙ ناهي بچيو. اهڙي اڻ ٽيڙي ڳالھ تي اصرار ڪرڻ، هڪ دماغي چريائپ آهي، تو ۾ نه سگھه نه ئي طاقت، تنهنجي لاءِ هلاڪت جو سبب بڻجي سگهي ٿو. وزير ڪيس سمجهائڻ واري انداز ۾ چيو.
جنيد جي شهرت ئي مونکي هتي ڇڪي آئي آهي. مان ان فرضي وهم کي غلط ثابت ڪرڻ چاهيان ٿو ته سڄي رياست ۾ جنيد جو ڪو مٽ ناهي رهيو.
قد ڪاٺ جي شوڪت ۽ ٻانهن جو ٻل ئي جيت يا هار جو معيار ناهي هوندو. فن جي ذهانت به پنهنجو هڪ مقام رکي ٿي. اطمينان رکو! منهنجو دماغي توازن پنهنجي جڳهه تي بلڪل صحيح آهي. نفعي ۽ نقصان بابت سمجهائڻ لاءِ مونکي ڪنهن ناصح جي ضرورت ناهي، انجام جو سڄو نقشو منهنجي نظر جي سامهون آهي. هاڻي غير ضروري بحثن ۾ پنهنجو وقت ضايع ڪرڻ بدران مونکي ها يا نه ۾ جواب ڏنو وڃي.
اٽچاتل شخص فاتحاڻي انداز ۾ جواب ڏنو.
ان اوپري ماڻهو جي گفتگو جي جرات تي سڄو دربار حيران ۽ پريشان ٿي ويو. پاڻ ۾ سُس پُس ٿيڻ لڳي: "اهو خيال بالڪل غلط آهي ته هي شخص دماغي حالت ۾ مبتلا ٿي هن مهم جوئي تي تيار ٿيو آهي. دانشورن وانگر سندس ڳالهائڻ جو هي انداز يقيناً ڪنهن پراسرار شخصيت جي نشاندهي ڪري ٿو. بظاهر هو گداگر لڳي ٿو پر بهادرن جهڙي ڪردار جي پٺيان ڪنهن ڪمالِ فن جو ڪو عجيب و غريب ڪرشمو آهي".
جنيد به ان اوپري ماڻهوءَ کي حيرت جي نظر سان ڏسي رهيو هو. هزار ڪوشش جي باوجود به ڪيس منجهس ڪنهن به بهادريءَ يا پهلوانيءَ جي مهارت جي ڪا علامت نظر نه پئي آيس. هو سخت حيران هو ته آخر ڪهڙي شيءِ ڪيس ايترو دلير بڻائي ڇڏيو آهي. معاملو جڏهن وڌيڪ منجهي ويو ته خليفة المسلمين جي اشاري تي وزير دربار جي ماڻهن کان راءِ ورتي.
"تمام حالات سمجهائڻ کانپوءِ به جيڪڏهن هي پنهنجي ضد تي قائم آهي ته پوءِ سندس ان چئلينج کي قبول ڪيو وڃي. انجام جي ذميواري پاڻ ان تي ئي هوندي. مقابلي ۾ جيڪڏهن هو شڪست کائي ٿو ته اها ته توقع جي عين مطابق هوندي، پر جيڪڏهن هو ڪنهن طرح کٽي ويو ته هڪ پراسرار شخصيت جي جوهرِ ڪمال سان واقفيت

حاصل ڪرڻ جو فخر اسان سيني کي حاصل ٿيندو“.

دربار جي ميمبرن نهايت آزاديءَ سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. ٿوري دير جي بحث ۽ تڪرار کان پوءِ بالآخر اها ڳالهه طئي ٿي وئي ته ان اڻڄاتل شخص جو چئلينج قبول ڪيو وڃي. خليفي پڻ ان فيصلي تي پنهنجي تصديق جي مهر لڳائي ڇڏي ۽ حڪم ڏنو ته سڄي ملڪ ۾ سرڪاري طور تي مَلھ جي مقابلي جو اعلان ڪيو وڃي. اڻڄاتل شخص دربار مان رخصت ٿيندي چيو: ”توهان اطمينان رکو، مان مقرر وقت تي دنگل جي ميدان ۾ حاضر ٿي ويندم“.

درباري ماڻهن کي پورو يقين هو ته جنيد جي مدمقابل ڪو ٽڪي نٿو سگهي، پر هن شخص جنهن بي پرواهي سان چئلينج ڏنو هو، تنهن سيني کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو.

سڄي ملڪ ۾ ان ٿيندڙ دنگل جو ائين شور مچي ويو جو بازارن، چوڪن ۽ گهٽين ۾ بس اهو ئي هڪ موضوع هو. هر ڪو ان اوپري مسافر کي ڏسڻ لاءِ آتو هو. طرح طرح جون افواهون هلي رهيون هيون. ڪو چوندو هو ته هو چريو آهي، ڪو چوندو هو ته هو فقيراڻي لباس ۾ ڏاڍو هوشيار شخص آهي جو پنهنجي ٽِڪي زبان سان سيني کي بيوقوف بڻائي ويو آهي، هو هاڻي ڪڏهن به موٽي نه ايندو ۽ پنهنجي جان هٿيلي تي ڪڏهن ڪين رکندو. ڪجهه ماڻهن جو خيال هو ته دربار سان اهڙو مذاق ڪندڙ ڪو وڏو چريو آهي، عقل واري انسان کان اهڙي حرڪت اڻ ٿيڻي آهي . اڪثر ماڻهن جي راءِ هئي ته هو ضرور ايندو، هو چريو ناهي پر هڪ پراسرار شخصيت جو مالڪ آهي. ڪنهن چريي جو دماغ ايڏي گهرائي سان نٿو سوچي سگهي. سندس روپ ۾ انداز جنهن به ڏٺو هو، ان لاءِ اهو انتهائي دلڪش ۽ والهانه هو. ڪنهن چريي يا لٽيري جي شخصيت ۾ اهڙي روحاني جاذبيت نه هوندي آهي.

بهرحال، ڏينهن گذرندا ويا ۽ جيئن جيئن تاريخ ويجهو ايندي وئي، انتظار جي گهڙي وڌيڪ تيز ٿيندي وئي. سڀ کان وڌيڪ اها ڳالهه ماڻهن جي ڪن تائين پهتي ته مقابلو جبل ۽ هڪ تيليءَ جيان آهي. سالن کان پوءِ بغداد جي ماڻهن کي جنيد جي مقابلي ۾ ڪو پهلوان ڏسڻ جو موقعو مليو آهي. شور ۽ هنگامي سان گڏ فضا ۾ هڪ حيرت واري خاموشي پڻ ڇانيل هئي. ڏينهن به ڏينهن شاهي دربار جي ويجهن حلقن ۾ اهو بحث عام ٿي ويو ته هن پيري جنيد جو مقابلو ايترو پراسرار آهي، جو خود جنيد تي به هڪ اڻڄاتل هيبت طاري ٿي چڪي هئي.

هاڻي مقابلي جي تاريخ ويجهو اچي وئي هئي. دور دراز ملڪن کان سياحن ۽ تماشائين جا قافلا بغداد ۾ اچڻ شروع ٿي ويا هئا. ملڪ جي آبادين مان اُنن جي قطارن جو سلسلو ڪٽڻ جو نالو ئي نه وٺي رهيو هو. جنهن پاسي به

نظر پئي وئي، انسانن جو هڪ وڏو سيلاب نظر اچي رهيو هو. هاڻي اها شام به اچي وئي هئي، جنهن جي صبح جو هڪ تاريخي فيصلو ٿيڻو هو. سج لهي رهيو هو ۽ بغداد جي لکين ماڻهن جو هجوم هر طرف نظر پئي آيو. جنيد لاءِ اها رات انتهائي پراسرار رات هئي.

هو سڄي رات بيچيني ۾ پاسا بدلائيندو رهيو. پنهنجي وقت جي مجيل سورما جي دل اڄ هڪ اڻڄاتل خوف ۽ فڪر جي ڪري ٻڏي رهي هئي. جنهن وڏن وڏن بهادرن جو غرور اک چنبي ۾ خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو هو، اڄ اهو هڪ ڪمزور ۽ نحيف انسان جي مقابلي ۾ هزارين وسوسن جو شڪار هو. دربار جي عزت کان علاوه پنهنجي عالمي شهرت جو سوال کيس تڙپائي رهيو هو. ان اڻڄاتل شخص جي باري ۾ سندس دل ۾ بار بار اهو خيال پئي آيو ته هن جي فاتحاڻي انداز جي پٺيان ڪا نه ڪا طاقت ضرور آهي. دل جي يقين جي اڳيان جسم جي ڪمزوري ڪا شيءِ ناهي. معنوي ڪمالات ۽ غيبي طاقتون ضرور ان جي پٺڀرائي ڪري رهيون آهن، ورنه ڪو به لاچار انسان اهڙي جرات نٿو ڪري سگهي. انهن ئي پريشان ڪندڙ خيالن ۾ سڄي رات گذري وئي ۽ بغداد جي جبلن تي صبح جو اجالو ڇانئجي ويو. صبح ٿيندي ئي شهر جي وڏي ميدان تي تماشائين جو هڪ وڏو هجوم گڏ ٿيڻ لڳو.

بغداد جو اهو وڏو ميدان لکين تماشائين سان پوريءَ طرح پرجي چڪو هو. دنگل جي چئني طرفن کان ڪرسيون رکجي چڪيون هيون. اهي شاهي خاندان، درباري معزز ۽ ملڪ جي وڏن عهديدارن جون جايون هيون. تمام ايندڙ پنهنجي پنهنجي نشستن تي اچي ويهي چڪا هئا. بغداد جي خليفي جي سون سان جڙيل ڪرسي اڃا تائين خالي هئي. ٿوري دير کان پوءِ نقارن جو آواز گونجيو، جنهن سان شاهي سواري جي آمد جو اعلان ٿيو. خليفه بغداد نهايت شان و شوڪت ۽ عاليشان انداز سان دربارين سان گڏ تشريف ڪٺي آيو. سڀ اچي چڪا هئا، هاڻي بس ان اڻڄاتل شخص جي اچڻ جو انتظار هو، جنهن چئلينج ڏئي سڄي ملڪ ۾ شور مچائي ڇڏيو هو.

جنيد جي طرفدارن نهايت خوشي جي جذبي ۾ هجوم کي يقين ڏياري رهيا هئا ته ان جو انتظار ڪرڻ بي سود آهي، هو هاڻي ڪڏهن به نه ايندو. جنيد سان مقابلو ڪرڻ آسان نه آهي، جنيد جو نالو ٻڌي وڏن وڏن جو هانءُ ڦاٽي پوندو آهي. هڪ معمولي ماڻهو جي ڪهڙي مجال جو هو مقابلي لاءِ سامهون اچي! بلا شڪ هو سڄي ملڪ کي دوکو ڏئي هليو ويو آهي، جيڪڏهن کيس اچڻو هجي ها ته هو سڀ کان پهريان ميدان ۾ حاضر هجي ها. سندس اها ڳالهه اڃا پوري به نه ٿي هئي ته درباري حلقي مان هڪ شخص اٿي بيٺو ۽ چيائين: "**مان اعتراف ڪريان ٿو ته حڪومت پنهنجي سادي طبيعت جي ڪري هڪ گهري**

**سازش جو شڪار ٿي چڪي آهي. هي اقدام عقل جي بالڪل خلاف آهي جو هڪ اڻڄاتل شخص جي ڳالهہ تي لڪين انسانن کي هتي گڏ ڪيو ويو“...**

ڏوڪو ڏئي نڪري ويندڙ ان راهہ ويندڙ کي جيڪڏهن حڪومت گرفتار بہ ڪرڻ چاهي، تہ بنا ڪنهن نالي ۽ نشان جي ڪيئن گرفتار ڪندي؟

ان ميدان ۾ اڪثريت انهن ماڻهن جي هئي، جيڪي غائباڻي طور تي ان اڻڄاتل شخص جا حامي هئا. نامعلوم طور تي ماڻهن جي دلين ۾ ان لاءِ همدردي جو جذبو پيدا ٿي ويو هو. موجوده صورتحال جي ڪري انهن جي چهرن تي مايوسي جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. نااميدي جي ان عالم ۾، هڪ شخص همت ڪري اٿي بيٺو ۽ صفائي پيش ڪندي چيائين ” اجا مقرر وقت ۾ ڪجهہ منٽ باقي آهن، ان ڪري ان اڻڄاتل شخص جي باري ۾ ڪو آخري فيصلو ڪرڻ وقت کان اڳ هوندو. ٿي سگهي ٿو تہ ڪنهن معقول عذر جي ڪري ڪيس دير ٿي وئي هجي. وقت گذرڻ کان پوءِ جيڪڏهن هو نہ آيو، تہ پوءِ يقيناً ڪيس ملامت ڪئي وڃي“.

منٽ بہ منٽ جنيد جي حامين جو جوش ۽ خوشي وڌندي پئي وئي ۽ اهي طرح طرح جا آواز ڪسي/ ٽوڪون ڪري مجمع جي ذهن تان ان اڻڄاتل شخص جو اثر ختم ڪري رهيا هئا. پر خود جنيد تي هڪ عجيب سڪتي جي ڪيفيت طاري هئي. سندن چهري جي لاهن چاڙهن مان ائين پئي معلوم ٿيو تہ هو ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏل ويا هجن. هو لاشعوري طور تي پيش ايندڙ ڪنهن حيرت انگيز واقعي جو انتظار ڪري رهيا هئا.

مجمع جي بيچيني هاڻي ڪنٽرول کان ٻاهر ٿيڻ لڳي هئي. جنيد جي حامين طرفان بار بار اهو آواز اٿي رهيو هو تہ درٻار پاران جنيد جي فتح جو اعلان ڪري مجمع کي منتشر ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي.

مقرر وقت ۾ هاڻي صرف چند ئي گهڙيون باقي هيون، جڏهن وزير اهو اعلان ڪرڻ لاءِ اٿيو. سڄو مجمع ڪن لائي ٻڌي لاءِ تيار هو. پر وزير جي منهن مان اجا پهريون لفظ ئي نڪتو هو تہ مجمع جي هڪ ڪنڊ مان هڪ شخص آواز ڏنو........ بيهو بيهو! هو ڏسو! سامهون کان هڪ گرد و غبار اٿي رهيو آهي، ٿي سگهي ٿو تہ اهو ئي اڻڄاتل شخص اچي رهيو هجي.

ان آواز تي سڄو مجمع ان طرف ڏسڻ لڳو. اچڻ واري ان مسافر جي قدمن تي هر ڪنهن جي دل ڌڙڪي رهي هئي. ڊوڙ ڪجهہ ئي فاصلي تي فضائن ۾ اڏامندي لڪين اميدن جو مرڪز بڻجي وئي. چند ئي لمحن کان پوءِ جڏهن منظر صاف ٿي تہ ڏٺو ويو تہ هڪ ڪمزور انسان، پگهر ۾ شل، لڙڪڙائيندو اچي رهيو آهي. مجمع جي ويجهو اچڻ تي ماڻهن ڪيس سڃاڻي ورتو تہ هي اهو ئي اڻڄاتل

شخص آهي جنهن جو انتظار ٿي رهيو هو. اهو معلوم ٿيندي ئي چوڌاري خوشي جي لهر ڊوڙي وئي. سڄو مجمع ان شخص کي ڏسڻ لاءِ اڳتي وڌيو. هو وڏي مشڪل سان هجوم مان رستو ٺاهي ميدان تائين پهتو. سندس ظاهري روپ ۾ ڪمزوري ڏسي ماڻهن کي سخت حيرت ٿي ته هي ضعيف و ناتوان انسان جنهن جا قدم لڙکڙائي رهيا آهن، سو جنيد جهڙي طاقتور پهلوان سان ڪيئن مقابلو ڪندو!

جنيد جا همدرد پوريءَ طرح مطمئن هئا ته هاڻي چند منٽن ۾ سيني کي معلوم ٿي ويندو ته پنهنجي وقت جي هڪ عظيم شخصيت سان گستاخي واري جرات ڪرڻ جي سزا ڪيتري عبرتناڪ ٿيندي آهي.

دنگل جو وقت ٿي چڪو هو. اعلان ٿيندي ئي جنيد تيار ٿي ميدان ۾ لٿو. اهو اڻڄاتل شخص به پنهنجي چيلهه تي سَنڊرو ٻڌي هڪ ڪناري تي اچي بيٺو. لڪين تماشائين لاءِ اهو هڪ انتهائي حيرت انگيز منظر هو. جنيد جي سامهون اهو ڪمزور شخص صفا معمولي پئي لڳو. حيرانيءَ مان اکيون ڦاڙي سڄو مجمع ٻنهي جي چرپُر ۾ حرڪت کي ڏسي رهيو هو. جنيد پنهنجا هٿ هٽي للڪاريندي پنهنجو داؤ هنيو، پر ان اجنبي شخص ڌيمي آواز ۾ چيو: اي جنيد! ڪن ويجهو آڻيو، مونکي اوهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي.

نه ڄاڻي ان آواز ۾ ڪهڙو سحر هو، جو ٻڌندي ئي جنيد تي هڪ عجيب سڪتو طاري ٿي ويو. هن اچانڪ پنهنجا هٿ روڪي ورتا، ڪن ويجهو ڪندي چيائين:

"فرمايو!"

اجنبي شخص جي آواز ۾ هڪ عجيب درد هو، هن وڏي مشڪل سان پنهنجي لبن مان فقط ايترو نڪتو:

"جنيد! مان ڪو پهلوان ناهيان. زماني جو ستايل، آلِ رسول آهيان، سيده فاطمه جو هڪ ننڍڙو خاندان ڪيترن ئي هفتن کان جهنگل ۾ بک ۽ اُڃ واري حالت ۾ پيل فاقه ڪشي واري زندگي گذاري رهيو آهي. ساداتن جي بدن تي ڪپڙا به سلامت ناهن جو اهي گهاٽي جهنگل مان ٻاهر نڪري سگهن. ننڍڙا ٻار بک جي شدت سبب بيحال ٿي ويا آهن. مان هر روز پنهنجي گهر مان اهو چئي نڪرندو آهيان ته شام تائين ڪو نه ڪو بندوبست ڪري واپس موٽندس، پر شريف خاندان جي غيرت مون کي ڪنهن جي اڳيان هٿ ڦهلائڻ جي اجازت نٿي ڏئي. ڪرندي ٿاٻڙجندي وڏي مشڪل سان اڄ مان هتي پهتو آهيان. فاتحِ خيبر (حضرت علي رَضِيَ اللہُ عَنۡہُ) جو هاشمي رت اڄ منهنجي رڳن ۾ سُڪندو پيو وڃي، هلي سگهڻ جي سگهه به باقي ناهي. شرم وچان گهرڻ لاءِ هٿ نٿا اٿن. مون توکي صرف ان اميد تي چئلينج ڏنو هو ته آلِ رسول جي جيڪا عقيدت تنهنجي دل ۾ آهي، اڄ اُن جي لڄ رکندين. مان واعدو ٿو ڪريان ته سڀاڻي

**قيامت جي ڏينهن نانا سائينءَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪري تنهنجي مٿي تي فتح جي دستار ٻڌائيندس.**

فاطمي چمن جي مرجهائيل گلن جي اها حالت مون کان نٿي ڏٺي وڃي جنيد! عالمگير شهرت ۽ اعزاز جي صرف هڪ قرباني منهنجي خاندان جي مرجهائيل چهرن تي مرڪ آڻي سگهي ٿي. اي جنيد! يقين رک ته آلِ رسول جي هن خانه بدوش قافلي جي لڄ ۽ آسودگي لاءِ تنهنجي عزت ۽ ناموس جو ايثار ڪڏهن به ضايع نه ٿيندو. اسان جي خاندان جي اها ريت آهي ته اسان ڪنهن جي احسان جو بدلو گهڻي دير تائين قرض ناهيون رکندا.

ان اڻڄاتل شخص جا اهي چند جملا تير بڻجي جنيد جي جگر ۾ پيوست ٿي ويا. سندس اکيون ڳوڙهن سان پرجي آيون. عشق ۽ ايمان جو سمنڊ سندس دل ۾ ڇوليون هڻڻ لڳو. اڄ ڪائنات جي سڀ کان وڏي عزت، جنيد کي آواز ڏئي رهي هئي. عالمگير شهرت ۽ لڄ جي پامالي جي ان سودي ۾، هڪ پل جي به دير نه ٿي. وڏي مشڪل سان حضرت جنيد پنهنجن جذبات تي ضابطو آڻيندي چيو:

"حضور!... سچي عقيدت جا مالڪ! منهنجي عزت ۽ ناموس جو ان کان بهتر ٻيو ڪهڙو استعمال ٿي سگهي ٿو جو ان کي توهان جي قدمن جي مٽي تي قربان ڪري ڇڏيان.

چمنستانِ قدس جي مرجهائيل گلن جي خوشي لاءِ جيڪڏهن منهنجي جگر جو رت به ڪم اچي ته مان ان جو آخري قطرو به توهان جي قدمن جي نشان ۾ جذب ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

"اي خوش نصيب! سڀاڻي قيامت جي ميدان ۾ سرڪار(صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) پنهنجي ڏوهڻن جي خريد ڪيل غلامن جي قطار ۾ ويهڻ جي اجازت مون کي عطا فرمائين، اها ئي منهنجي لاءِ وڏي نعمت آهي.

ايترو چوڻ کان پوءِ، جنيد پنهنجا هٿ هٽي هڪ گجگوڙ ڪندي هٿ اڳتي وڌايا، ڄڻ ته هو ان اڻڄاتل شخص سان ڪو وڏو مقابلو ڪري رهيو هجي. سڄو مجمع خاموشيءَ سان ان جو نتيجو ڏسي رهيو هو. چند ئي لمحن کان پوءِ، جنيد بجليءَ جي تيزيءَ سان پنهنجو هڪ داؤ هلايو. اکيون ڪليون ته جنيد جي حامين جو خراج تحسين سان پرپور نعرو گونجيو. رعب کان ڏسڻ وارن جون پلڪون جهڪي ويون، پر ٻئي ئي لمحي حضرت جنيد پٺيءَ ڀر زمين تي پيو هو ۽ سيني تي سيده جو هڪ نحيف ۽ ناتوان شهزادو فتح جو جهنڊو لهرائي رهيو هو.

حضرت جنيد جي فاتحانه زندگي جي شڪست ۽ ان اڻڄاتل شخص جي فتح جو اهو منظر تماشائين لاءِ ناقابلِ يقين هو. هڪ لمحي لاءِ سڄي مجمع تي سڪتو طاري ٿي ويو. اکيون کليل رهجي ويون. حيرت جو اهو جادو ٽٽندي ئي مجمعي ان نحيف و ناتوان سيّدزادي کي گود ۾ کڻي ورتو. ميدان جو اهو فاتح هاٿي

سيني جي سر جو تاج بڻيل هو ۽ هر طرف کان انعام و اڪرام جي برسات ٿي رهي هئي. تحسين ۽ آفرين جو اهو آواز سڄي شهر ۾ گونجي رهيو هو. شام تائين ان فتح جو جلوس سڄي شهر ۾ گشت ڪندو رهيو. رات ٿيڻ کان پهريان اهو گمنام شخص لکين روپين جو انعام کڻي واپس پنهنجي جهنگل واري پناهگاهه ڏانهن هليو ويو.

حضرت جنيد ميدان ۾ انهي شان سان پنيءَ پر پيو هو. هاڻي ڪنهن جي دل ۾ سندس لاءِ ڪا همدردي نه هئي هر شخص ڪيس حقارت سان ڏسي رهيو هو، بلڪ هر گذرندڙ ڪيس ملامت ڪري رهيو هو. پنهنجي سڄي عمر جي شهرت جي پامالي جو اهو انعام اڄ ڪيس مليو هو، پر سندس چهري تي ڪا مايوسي نه هئي، هو اندروني طور تي انتهائي شادمان (خوش) هو.

هجوم منتشر ٿيڻ کان پوءِ هو پاڻ ئي اٿيو ۽ شاهراهه عام تان گذرندو پنهنجي گهر ڏانهن هليو ويو. اڄ سندس شڪست جي ذلت جو اهو سرور سندس روح تي هڪ فتح وانگر ڇانيل هو. سڄي عمر جي فاتحاڻي مسرت اڄ ڪيس پنهنجي پيرن جي مٽي وانگر پئي معلوم ٿي.

رات جي اونداهه سڄي شهر تي ڇانئجي چڪي هئي. بغداد جو اهو سڄو شهر تارن جي ٽڏي ڇانوَ ۾ سمهي چڪو هو. ڪٿي ڪٿي پهريدارن جا آواز گونجي رهيا هئا. عشاء جي نماز کان فارغ ٿيڻ کان پوءِ جڏهن حضرت جنيد پنهنجي بستري تي ليٽيو ته بار بار سندس ڪنن ۾ اهي الفاظ گونجي رهيا هئا:

**”مان واعدو ٿو ڪريان ته سڀاڻي قيامت جي ميدان ۾ تنهنجي سر تي فتح جي دستار ٻڌرائيندس.“**

ڇا اهو سچ مچ ايئن ٿي سگهي ٿو؟ ڇا منهنجي قسمت جو ستارو ايڏي بلندي تي پهچي ويندو جو سرڪارِ دوعالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم جي نوراني هٿن جون برڪتون منهنجي پيشانيءَ کي ڇهي وٺن! پنهنجي پاڻ ڏانهن ٿو نهاريان، ته ڪنهن به طرح پاڻ کي ان جي لائق نٿو سمجهان. پر لاڏلن جي ضد به ته ڪا شيءِ آهي. جيڪڏهن محشر جي ميدان ۾ شهزادا مچلجي ويا، ته پوءِ رحمتِ تمام (يعني رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم) کي ڪيئن گوارا ٿيندو ته سندن دل جي نازڪ شيشي تي ڪا آنچ اچي؟ سڄي زماني ۾ آلِ رسول جي زبان جو اهو پرم مشهور آهي، سندن زبان مان نڪتل ڳالهه ڪڏهن به رد نٿي ٿئي. آخرڪار ڪربلا جي ان لال زار جي سُرخي اڄ تائين قائم آهي. نبيءَ جي شهزادن جو واعدو ڪڏهن به غلط نٿو ٿي سگهي. قيامت جي ان ڏينهن هو ضرور پنهنجي نانا جان تائين منهنجي اها ڳالهه پهچائيندا. هاءِ ڪاش! اها قيامت اڄ ئي اچي وڃي، اڄ ئي اهو روح پرور نظارو منهنجي اکين جي سامهون هجي.

آهه! مان جيستائين زنده رهندس، قيامت

جي هڪ هڪ ڏينهن کي ڳڻيندو رهندس. حساب ۾ ڪتاب جي ان طويل مدت کي مان ڪيئن ڪٽيندس؟ اهي ئي ڳالهيون سوچيندي سوچيندي حضرت جنيد جي اکين تي ننڊ جو هڪ هلڪو جهوٽو آيو ۽ هو خواب جي دنيا ۾ پهچي ويو. جبلن، صحرائن ۽ آبادين جا سيئي حجاب سندس نظر جي سامهون تان هٽي چڪا هئا. هاڻي بغداد کان سئو مديني پاڪ جي گنبدِ خضريٰ جو ڪلس صاف نظر اچي رهيو هو. جيستائين اک ڪليل رهي، نظر جو قافلو بهارن جي تازگي ۽ جلون مان سيراب ٿيندو رهيو. ٿوري دير جي سڪتي کان پوءِ مديني پاڪ جي گهٽين مان هڪ نوراني قافلو بغداد ڏانهن وڌندو نظر آيو. فضا بالڪل پاڪيزه ٿي وئي، هڪ اڇو بادل مديني جي افق کان اٿي بغداد جي آسمان ڏانهن وڌڻ لڳو، جنهن مان سڄو رستو روشن ٿي ويو. اونداهي ختم ٿي وئي ۽ اها روشن لهر بغداد جي آسمان تي چمڪڻ لڳي. چند ئي لمحن کان پوءِ اهو نوراني قافلو بغداد جي زمين تي لٿو. عاليشان محلات جا منارا جهڪي ويا، پهاڙن جون چوٽيون سرنگون ٿي ويون، وڻن جون ٽاريون سجده ريز ٿي ويون. بغداد جي زمين جهومي اٿي، بهارن نوان گل وڄائي ڇڏيا ۽ صبح جي هوا خوشبودار ٿي وئي. سڄو ماحول معطر ٿي ويو. ان حسن ڪمال کي ڏسي اکيون کليون رهجي ويون، دل ڪيف ۽ سرور ۾ ٻڏي وئي. در و ديوار، شجر و حجر جي زبان مان اهو ئي آواز نڪتو: اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰہِ جي نغمن سان سڄي فضا گونجي اٿي.

ان عالمِ بي خودي ۾ حضرت جنيد سلطانِ ڪونين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قدمن ۾ چنبڙي پيا. سرڪارِ دوجهان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رحمتن جي هجوم ۾ مرڪندي فرمايو:

”جنيد! اٿ، قيامت کان پهرين ئي پنهنجي نصيب جي سرفرازي جو نظارو ڪر. نبيءَ جي اولاد جي لڄ رکڻ لاءِ تو جيڪا شڪست جي ذلت برداشت ڪئي هئي، ان جو انعام قيامت تائين قرض نہ رکيو ويندو.

جنيد پنهنجو متو ڪڻ! مان تنهنجي لاءِ فتح ۽ ڪرامت جي دستار ڪٽي آيو آهيان. اڄ کان توکي عرفان ۽ قربت جي سڀ کان مٿانهين مقام تي فائز ڪيو ويو آهي. تجليات جي هن برسات ۾ پنهنجي اگهاڙي پٺي جي مٽي ۽ ڇهري جي گرد و غبار ڌوئي ڇڏ. هاڻي تنهنجي چمڪندڙ ڇهري کي صرف هن دنيا جا ماڻهو ئي نہ، پر عالمِ قدس جا رهواسي بہ پنهنجو عڪس ڪري ڏسندا. بارگاهِ الٰهيٰ مان توکي گروهِ اولياءِ جي سرداري جو هي اعزاز مبارڪ هجي.

انهن ڪلمن سان سرفراز فرمائڻ کان پوءِ، سرڪارِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت جنيد کي سيني سان لاتو. ان ڪيف واري عالم ۾ انهن شهزادن جي وفادار پرواني تي ڪهڙيون نوازشون ٿيون، ان جي تفصيل

جي خبر نہ پئجي سگهي. ڄاڻڻ وارا بس ايترو ئي ڄاڻي سگهيا تہ صبح جو جڏهن حضرت جنيد جي اک کلي تہ سندس پيشانيءَ جي لهرن ۾ نور جي هڪ ڪِرڻِ چمڪي رهي هئي. اکين مان عشق ۽ عرفان جي شراب جا پيالا ڇلڪي رهيا هئا. دل جي محفل تجليات جو گهوارو بڻجي چڪي هئي. چپن جي جنبش تي قضا ۽ قدر جا پهريدار (مقرر) ڪيا ويا هئا. غيب ۽ شهود جي سڄي ڪائنات شفاف آئيني وانگر سندس نظر جي گهيري ۾ اچي چڪي هئي. نفس نفس ۾ عشق ۽ يقين جي ٻرندڙ چنگاري ڦٽي رهي هئي. نظر نظر ۾ دلين کي فتح ڪرڻ جو سحر انگيز جلال جاڳي رهيو هو.

ڪالهہ شام جنهن کي حقارت جي نظر سان ڌِڪاريو ويو هو، اڄ صبح ان جي لنگهڻ واري رستي تي ماڻهن جا نيڻ وڇايل هيا. ڪالهہ جيڪو شڪست جي ذلت سبب بيحال ٿي اڪيلو پنهنجي گهر تائين آيو هو، اڄ ان جي جلوس ۾ ٻنهي جهانن جي اميدن جا قافلا هلي رهيا هئا. هڪ ئي رات ۾ سڄي دنيا جو نظام ئي بدلجي چڪو هو ۽ سڄو عالم مُٺيءَ ۾ اچي چڪو هيو.

خواب جي ڳالهہ صبح جي هير (بادِ صبا) گهر گهر پهچائي ڇڏي. اڃا پرهہ ڦٽي ئي هئي تہ حضرت جنيد جي دروازي تي درويشن ۽ عقيدتمندن جو هڪ وڏو هجوم گڏ ٿي ويو. جڏهن ئي پاڻ ٻاهر تشريف کڻي آيو، عقيدت جو خراج پيش ڪرڻ لاءِ هزارين گردنون جهڪي ويون. بغداد جي خليفي پنهنجي سر تان تاج لاهي سندس قدمن ۾ رکي ڇڏيو. سڄو شهر حيرت ۽ پشيمانيءَ جي عالم ۾ سر جهڪايو بيٺو هو.

مرڪندي هڪ پيرو نظر ڪنيائين ۽ هيبت کان ڌڪندڙ دلين کي سڪون عطا ڪيائين. پرسان ئي هڪ ڪنڊ مان آواز آيو: گروهِ اولياء جي سرداريءَ جو اعزاز مبارڪ هجي! جڏهن منهن ڦيري ڏٺائين تہ اهو ئي ڪمزور ۽ نحيف آلِ رسول فرطِ خوشيءَ مان مرڪي رهيو هو. سڄي فضا سيد الطائفہ جي مبارڪباد جي نغمن سان گونجي اٿي ۽ پاڻ سيّد الطائفہ جي لقب سان مشهور ٿي ويا.



# وظائف

## کنهن بہ کم ۾ ناڪاميءَ کان بچڻ لاءِ:

يَاحَيُّ يَاقَيُّوْمُ

111 ڀيرا (اول آخر هڪ ڀيرو دُرود شريف) پڙهي دُعا گهري. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ڪاميابي ملندي.

(جائز امتحان، انٽرويو، نئون ڪاروبار شروع ڪرڻ لاءِ ۽ ٻين جائز مرادن لاءِ هي عمل فائديمند آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!)

امير اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري

(29 رمضان ڪريم 1446هہ، 30-03-2025)

## آفتن کان گهر محفوظ رهندو:

يَاوَالِيُ

جيڪو ڪو بہ نئين پيالي تي هي اسمِ پاڪ لکي، ان ۾ پاڻي ڀري گهر جي ڀتين تي ڇڙڪائي ڇڏي، تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اهو گهر آفتن (مصيبتن) کان محفوظ رهندو.

(مدني پنج سوره، ص 294)

## بي پي (B.P) هجي يا شگر:

سورت قدر ۽ سورت ڪوثر ٽي ٽي ڀيرا پڙهي (يا پڙهائي ڪري) پاڻيءَ تي دم ڪري پئي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! بلڊ پريشر هجي يا شگر، توهان نارمل ٿي ويندؤ.

(علاج جو مدو: شفا ملڻ تائين روزانو هڪ ڀيرو)

امير اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري

(21 رمضان ڪريم 1446هہ، 22-03-2025)

## مقدس اوراق (قرآني ورقن) کي دفن ڪرڻ جو طريقو:

صدر الشريعہ، بدر الطريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيه فتاويٰ عالمگيريءَ جي حوالي سان تحرير فرمائن ٿا:

قرآن مجيد پراڻو ٿي وڃي، ان لائق نہ رهي جو ان ۾ تلاوت ڪئي وڃي ۽ اهو انديشو هجي تہ ان جا ورق ٽڙي پکڙي ضايع ٿي ويندا، تہ ڪنهن پاڪ ڪپڙي ۾ لپيٽي احتياط واري جاءِ تي دفن ڪيو وڃي. دفن ڪرڻ مهل ان لاءِ لحد (بغلِي قبر) ٺاهي وڃي (يعني کڏو کوٽي، قبلي واري پاسي جي پٽ کي ايترو کوٽيو وڃي جو سيئي مقدس اوراق ان ۾ اچي وڃن) تہ جيئن انهن تي مٽي نہ پوي. يا (کڏي ۾ رکي) ان تي تختو لڳائي، ڇت وانگر بنائي مٽي وِجهجي تہ جيئن مٿن مٽي نہ پوي. مُصحف شريف (قرآن پاڪ) پراڻو ٿي وڃي تہ ان کي ساڙيو نہ وڃي. (بهارِ شريعت، 495/3)

مقدس اوراق جي تحفظ ۽ انهن کي بي ادبيءَ کان بچائڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي تحت "تحفظِ اوراقِ مقدسه "جي نالي سان هڪ شعبو قائم آهي. هن شعبي جي تحت مختلف هنڌن تي باڪس لڳايا ويندا آهن، تہ جيئن انهن ۾ مقدس تحريرون، پراڻا ۽ بوسيده ڪتاب وڌا وڃن. جڏهن اهي باڪس ڀرجي ويندا آهن، تہ هي شعبو شرعي ۽ تنظيمي اصولن موجب انهن مقدس اوراق کي دفن ڪرڻ، ٽٽو ڪرڻ (وهندڙ پاڻيءَ ۾ وجهڻ) يا محفوظ ڪرڻ جو انتظام ڪندو آهي.

Monthly Magazine
Faizan-e-Madina
July 2026

ماهوار جولاءِ 2026ء
فيضانِ مدينہ

## ماهوار فيضانِ مدينہ جولائي 2026ع
## فيضانِ امامِ اهلِ سنت

اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سئو سالا عرس جي موقعي تي مجلس ”ماهوار فيضانِ مدينہ“ پاران جاري كيل خصوصي شمارو بنام **”فيضانِ امامِ اهلِ سنت“**. هن ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي علمي، ديني، روحاني ۽ معاشرتي خدمتن تي مشتمل 59 مضمون شامل كيا ويا آهن، انهن جي هڪ جهلڪ ملاحظہ كريو:




- اعليٰ حضرت جي حياتِ مبارڪ تاريخ جي آئيني ۾
- اعليٰ حضرت جي تدريسي خدمت
- اعليٰ حضرت جي شانِ فقاهت
- اعليٰ حضرت هڪ ماهرِ توقيت دان
- اعليٰ حضرت جي تفسيري مهارت
- فنِ حديث ۾ امامِ اهلِ سنت جو مقام عالمن جي نظر ۾
- اعليٰ حضرت جا سائنسي افكار ۽ تحقيقات
- اعليٰ حضرت ۽ غريبن جي دلجوئي جا انداز
- هم عصر عالمن سان اعليٰ حضرت جا تعلقات
- بي مثال امام جي مثال نگاري
- اعليٰ حضرت جون اصلاحي كوششون
- اعليٰ حضرت جا خلفاء ۽ احباب

هي شمارو مكتبة المدينہ تان حاصل كريو يا پي ڊي ايف ڊائون لوڊ كرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net وزٽ كريو يا ڏنل كيو آر (QR) كوڊ كي اسكين كريو.

دينِ اسلام جي خدمت ۾ توهان بہ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو ۽ پنهنجي زكوات، صدقاتِ واجبہ و نافلہ ۽ ٻين عطيات (Donation)ذريعي مالي تعاون كريو! اوهان جو چندو كنهن بہ جائز ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي ۽ ڀلائي جي كمن ۾ خرچ كري سگهجي ٿو.
**بينڪ جو نالو:** MCB **اكائونٽ ٽائيٽل** : DAWAT-E-ISLAMI TRUST **بينڪ برانچ** :MCBAL-HILAL SOCIETY برانچ كوڊ: 0037
**اكائونٽ نمبر: صدقاتِ نافلہ** 0859491901004196 **اكائونٽ نمبر: صدقاتِ واجبہ ۽ زكوات** 0859491901004197

978-969-722-942-0
01130349
فیضانِ مدینہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، بابُ المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net